مهندس

S.U. ENGINEERING COLLEGE

JAMSHORO

مهـنـدس

(سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جو ساليانو مئگزين)

S. U. ENGINEERING COLLEGE

JAMSHORO

مئگزين سيڪريٽري ۽ چيف ايڊيٽر

محمد نواز سومرو

بي-اي (اليڪٽرانڪس)

ايڊيٽر (سنڌي)

مظهر ميمڻ

بي-اي (اليڪٽرانڪس)

اسسٽنٽ ايڊيٽر

گهنشامداس راڃاڻي

بي-اي (اليڪٽرانڪس)

ٻانهن ٻيلي

نياز محمد پيرزادو
بي-اي (اليڪٽريڪل)

نديم ميمڻ
بي-اي (سول)

فهرست

۱. ڌرتي، چنڊ ۽ انسان	مسعود قريشي	۱
۲. انجنيئر	ڪروپاٽڪن/افسون ميمڻ	۵
۳. تربيت	سيد علي اڪبر شاھ	۷
۴. ڪارٽ	مظهر ميمڻ	۱۰
۵. منهنجو ساگر، منهنجو ساحل	الطاف شيخ	۱۵
۶. قديم سنڌ	نذير ميمڻ	۱٦
۷ ڪتابن جي باري ۾	گورڪي/ارشاد قاضي	۱۹
۸. شاھ جي شاعري		۲۲
۹. غزل ۽ شاعري	فيروز جوڻيجو، جواد انصاري، امرت سنڌي	۲۳
۱۰. نوٽ بڪ تان	نواز سومرو	۲٦
۱۱. مڪينيڪل ايجادون	عبدالرئوف 'م' شيخ	۲۹
۱۲. سچ جي ڪهاڻي	محمد ابراهيم ڀنهور	۳۳
۱۳. مثالي مالدار	آسڪروائيلڊ/زاهد سومرو	۳۸
۱۴. جديد پرائمري سيل	اندر راجا ڪرپالاڻي	۴۳
۱۵. ڏڏو	مظهر ميمڻ	۴٦
۱٦. ساروڻيون	گهنشام راڃاڻي	۴۹
۱۷. شاهھ لطيف	امرجليل	۵۲

ايڊيٽر وٽان

دوستو!!

آخر مئگزين به نڪتو! سونکي پڪ آهي ته توهان سان اڪثر دوستن مئگزين کي تعجب ۽ غير يقينيءَ سان ڏٺو هوندو. دنيا ۾ ڪنهن نه ڪنهن ڪارنامي وغيره جي روايت هوندي آهي، اسانجي ڪاليج جي روايت مئگزين نه ڪيڻ آهي ۽ اسان جا دوست انهيءَ ”عظيم روايتي ورثي“ کي هميشه سنڀالي رکندا آهن. مئگزين نڪري ها يا نه نڪري ها، مئگزين في هر صورت ۾ پيش ڪرڻي پوندي آهي!

نواز! جنهن جو رويو هميشه تعميري رهيو آهي، انهيءَ جذبي جي اثر هيٺ ڪيل وٺ پڪڙ، جنهن لاءِ هو آفيس، ڪارخانا، شهر، هاسٽل جا ڪمرا ۽ صاحبن جا گهر ڳوليندو ۽ رلندو رهيو. سندس انهيءَ سڄي ٿڪائيندڙ بيزار ڪندڙ، مايوس ڪندڙ حالات خلاف جدوجهد کان سواءِ هي مئگزين نڪرڻ نا ممڪن هو. مان مئگزين سيڪريٽريءَ کي هيءَ ”مقدس“ روايت ٽوڙڻ تي مبارڪباد ڏيان ٿو.

ٺيڪ آهي اسان سڀ خوش ٿياسين، دشمن، جيڪو موجود ناهي، انهيءَ جي ڇاتيءَ تي مڱ به ڏرجي ويا پر سوال اهيو آهي ته هيءَ سلسلو اڄ تائين ڇو بند هئو، يا ايترو پيڪڙ مئگزينن تائين محدود ڇو هئو؟ ڇا مئگزين غير ضروري آهي؟ انهيءَ سڄي غفلت جو ذميوار ڪير آهي؟

ڪاليج مئگزين پنهنجي تعليمي اداري جي سرچ، ذهانت ۽ تخليقي قوتن جو مظهر هوندو آهي. انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد بيشڪ ڪل پرزن جا ماهر هوندا آهن پر اها ڳالهه ظاهر آهي ته هو ذهين انسان ۽ تخليقي قوتون رکندڙ شاگرد به آهن. ڪاليج مئگزين ذريعي هڪ طرف اهڙن شاگردن کي پنهنجون اعليٰ صلاحيتون ڏيکارڻ جو موقعو ملي ٿو ته ٻئي طرف سينيئر شاگردن کي پنهنجي ايندڙ ساٿين لاءِ ڪارآمد تجربا ۽ مشاهدا ڇڏي وڃڻ جو هڪ اهڙو موقعو ملي ٿو جنهن سان هو ذهني مٺا مٺا ۽ تجربي جي ٻي ٻها سونين کي اهڙي سپت رنگي زنجير ۾ پوئي وڃن ٿا. اهڙي طرح ڪاليج مئگزين اسان جي ذهني صلاحيتن ۽ ارتقا جو امر دستاويز بڻجي وڃي ٿو.

اسان جا شاگرد سماج جي سڙني متضاد قوتن سان ٽڪرائجي ڪو نه ڪو نظريو، مقصد ۽ هڪ واضح سماجي شعور حاصل ڪري وٺن ٿا، پر بي مهار اٿ جيان ڇڏيل نوجوان ذهن ضروري ناهي ته بلڪل صحيح واٽ اختيار ڪري ۽ سندس هر عمل قانون، اخلاق اندر ۽ سماجي ڀلائيءَ لاءِ هجي. هر انسان کي معاشرو ئي سيکاري ٿو. ڪاليج جو ماحول به انهيءَ قابل هجڻ گهرجي ته جيئن ٿو ڇو شاگردن کي فني تعليم کان سواءِ هڪ بهتر انسان به

ٻنائي سگهي، ادبي ۽ثقافتي سرگرمين هن عظيم مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ ڪاليج جي آهستہ آهستہ تباهہ ٿيندڙ ماحول جو زهر ختم ڪرڻ لاءِ ترياق ثابت ٿي سگهن ٿيون. شاگردن جي لاءِ اهڙين سرگرمين جي غير موجودگيءَ اهڙا انجنيئر پيدا ڪيا آهن، جيڪي پنهنجي ثقافتن جو مظاهرو امتحان هال، ڪينٽين، بس ۽ هاسٽل وغيره ۾ اهڙيءَ ريت ڪري رهيا آهن جو پنهنجي والدين ڪان وڌي پروفيسرز ۽ والدين سميت تہ سڄو معاشرو انهن مان بيزار آهي. ادبي ثقافتي سرگرميون ڪاليج جي بيجان بوتي جو روح آهن ۽ اسان اڄ ڪلهہ بنا روح وارا ٿين جي چت جيان وڃندڙ بوتا آهيون.

ڪاليج مئگزين نہ نڪرڻ جا ذميوار جتي با اختيار عملدار ۽ يونين ميمبرس آهن اتي شاگرد بہ بنهہ بي قصور نہ آهن.

جيتوڻيڪ ڪاليج ۾ اهڙي روايت نہ هجڻ ڪري شاگرد ذهني طرح هنڙي تعميري ڪم لاءِ تيار نہ آهن پر تڏهن بہ جتي هو معاشري جي پيسن سيڻي ڳالهين ڪان متاثر ٿين ٿا اتي انهن ڪي هن سماجي تحريڪ ڪي بہ دل سان لڳائڻ گهربو هو. سماجي شعور ايترو بہ هيچ ناهي جو اسان جي نظر ڪجهہ دير لاءِ پينٽ جي ڪريز تان هٽي هن نمائي نڊر جي قائل پوتيءَ تي نہ پوي!

ڪجهہ دوستن کي شوق جاڳيو پر رکيو تمام هيٺئين اسٽينڊرڊ جا ڇسا مضمون ڪنهن بيڪار ڪتاب مان ترجمو ڪرڻ جو.

بهر حال هيءَ جهڙوڪ شروعات آهي ۽ اسان بہ اهڙا ڪجهہ مضمون ڇاپيا آهن. اهو ڳول اسان ايندڙ سال جي مئگزين سيڪريٽريءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڇڏي ٿا وڃون.

اسان کي شاگردن، استادن ۽ ائڊ منسٽريشن مان اميد آهي تہ هو انجنيئرنگ ڪاليج کي پنهنجي سچي ذهانت سچائي ۽ ذميواريءَ جي احساس سان هڪ جيئرو جاڳندو تعليمي ادارو بنائيندا، جنهن جي وڏن ورانڊن ۾ چرندڙ پرندڙ وجودن کي ماڻهو "باشعور انسان" چوڻ تي مجبور ٿيندا ۽ اسان جي هيءَ روبوٽ واري حالت ختم ٿيندي.

آخر ۾ هڪ ڳالهہ اهم هيءَ چوڻي آهي تہ مئگزين فنڊ جي "غلط استعمال" جيڪري ڪجهہ با شعور شاگردن جي ڪم ڪرڻ جي جذبي کي سخت چوٽ رسي ٿي انهيءَ ڪري هڪ عرض آهي تہ خدارا! مئگزين فنڊ جي ڇڇر تہ ڇڏيو!

مظهر ميمڻ
آخري سال (اليڪٽرانڪس)
ايڊيٽر: سنڌي ڀاڱو.

مسعود قريشي

سائنس فڪشن

ڏرتي، چنڊ ۽ انسان

هڪ خوبصورت ۽ رنگين منجهند جو، جڏهن نه فضا ۾ پيار جا رنگ رچيل هئا ۽ ٽيمپريچر 6000 c هو، ڌرتي ۽ جوپٽر هڪ اونهي غار ۾ لڪي پيار جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا. سج جي بادشاهيءَ ۾ پيار ڪرڻ ڏوهه هو. ڌرتيءَ کي پڪ هئي ته سندس پيار جو راز جلد ئي کلي پوندو ۽ سج هنن کي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو.

"جوپٽر! هل ته ڪنهن اهڙي هنڌ هلي لڪون جتي سج بادشاهه جا ڪوجي پهچي نه سگهن."

"منهنجي پياري ڌرتي! سج بادشاه کان لڪڻ تمام ڏکيو آهي. هاڻي ته پنهنجي پيار جي ڪنهن کي ئي خبر ڪونهي، پر جيڪڏهن هتان فرار ٿي وياسين ته سج کي يڪدم اطلاع ملي ويندو ۽ هو پاڻ کي صدين جي عذاب ۾ ٻيڙهائي ڇڏيندو."

"پر پاڻ ڪي سج بادشاه جا غلام ته نه آهيون!"

"هن جي رعايا ته آهيون!"

"پر آزادي ته پنهنجو حق آهي."

"پر رعايا تي پنهنجي بادشاهه جي پيروي به فرض آهي!"

"حق ڇوٽ ڪو ڏوه ته ناهي!" ڌرتيءَ چيو.

"ظلم کي ظلم ڇوٽ ڏوهه ناهي پر ظالم کي ظالم چوڻ وڏو ڏوهه آهي."

"جوپٽر! آئون ڪجهه نٿي چاهيان، مون کي هتان پري وٺي هل، جتي ڪو ظالم نه هجي، ڪو مظلوم نه هجي، جتي پيار ڪرڻ ڏوهه نه هجي."

"پر اها ته سج بادشاهه جي خلاف بغاوت ليکبي."

"جوپيٽر! ڇا تون ايترو بزدل ٿي چڪو آهين، يا تنهنجي پيار جون ڳالهيون فريب آهن؟"

"هن لازوال ڪائنات جو قسم! آئون توتان پنهنجيون هزار زندگيون قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

"پوءِ سوچين ڇا ٿو، هل ته هڪ نئين دنيا آباد ڪريون."

"ٺيڪ آهي سياڻي توکي وٺڻ ايندس. ايتري ۾ آئون پنهنجي ساٿين سان ڳالهائي وٺان." جوپيٽر چيو.

"ڪهڙن ساٿين سان؟"

"مرڪري، نيپچون، پلوٽو ۽ يورينس سان صلاح ڪريان ڪهڙي طرف نڪري هلون."

"تنهنجو دوست مارس ساٿ نه ڏيندو ڇا؟"

"ٿي سگهي ٿو ته مارس پاڻ سان نه هلي سگهي." هو وينس سان تمام گهڻو پيار ٿو ڪري

"وينس سان؟ وينس کي ته سج بادشاه پاڻ راڻي ٿو بڻائڻ گهري!"

”مارس به هڪ وڏو جنگجو آهي، هو هاڻ پنهنجا قدم پوئتي نه هٽائيندو.“

”پوءِ ته سج بادشاهه ان کي به عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو. مارس کي سمجهائينس ته هو به وينس کي ماٺ وٺي پاڻ سان هليو هلي.“

”ٺيڪ آهي، آئون ڪوشش ڪندس.“

ائين سڀ گڏجي سج جي بادشاهيءَ کان فرار ٿي ويا، جو ته سج جي عظيم قوت سان ٽڪرائڻ سگهن ٿي نه هو. اهي صدين جا فاصلا طي ڪري اچي انهن اونداهن غارن ۾ لڪا جتي سج جا ڪرڻا نه ٿي پهچي سگهيا. پر گريٽ بيئر (Great Bear) سج بادشاهه جي رهنمائي ڪئي ۽ انهن سڀني کي گرفتار ڪري سج جي سامهون پيش ڪيو ويو. سج انهن کي ڏسي تپي باه ٿي ويو ۽ سندس ٽيمپريچر 20,000,000 ٿي ويو. سج انهن نون ئي باغين کي گئس جا گولا بڻائي ڇڏيو ۽ سزا طور هنن جون اکيون ڪيڻائي هميشه لاءِ پنهنجو قيدي بڻائي ڇڏيائين. هاڻي اهي نو ئي انڌا پنهنجي روشنيءَ کان محروم، سج جي سهاري سدائين پيا سج جي چوگرد ڦيريون پائين.

ويچاري ڌرتي جنهن سنڌر، سندر سپنا ڏٺا هئا، جنهن محبت جا گيت ڳاتا هئا، ان تي زنجيرون پئجي ويون ۽ هو پنهنجي محبوب جوپٽر کان 86,000 ميل پري ٿي وئي. ڌرتيءَ کي پنهنجي ساٿين جي ڪابه ڪل نه هئي ته اهي ڪهڙي حال ۾ آهن. سج جي نظرن ۾ سڀ کان ڏوهه ڌرتيءَ جو هو تنهنڪري 30 لک ميل پري هوندي به ڌرتيءَ کي پيو ايذاءُ رسائيندو هو. جوپيٽر جيڪو انهن باغين ۾ سڀ کان وڏو ۽ بهادر هوندو هو، اهو به برف جي تهن ۾ غرق ٿيو ظلم جي گهاٽي ۾ پيڙهجي رهيو هو.

هزارين صديون گذرڻ کان پوءِ ڌرتي آهستي آهستي سج کان پري ٿيندي وئي ۽ ان جي دل ۾ لڳايل باه ٺڌي ٿيندي وئي. پيار جي باه ظلم جي باه کي ٺڌو ڪري ڇڏيو هو. پر سج بادشاه کي اها ڳالهه نه وڻي.

”نادان ڌرتي! تو جوپٽر کي منهنجي اصولن جي خلاف پڙڪايو هو. ان جو انجام ڏٺئي؟“

”ظالم سج! تون محبت سان ڇا ڄاڻين. محبت ته هڪ اڻوٽ امر پنڌڻ آهي.“

”تون ايڏا سور سهي به جوپٽر کي وساري نه سگهي آهين.“

”جوپٽر ته منهنجي دل ۾ سمايل آهي، ان کي سون ڪان پري ڪير ٿو ڪري سگهي.“

”گستاخ ڌرتي! توکي انهيءَ گستاخيءَ جي سزا ضرور ملندي. تو وٽ تنهنجي دل ئي نه رهندي.“

ائين دل کي جسم کان ڌار ڪيو ويو. جسم جيڪو 47,000,000,000 ورهين کان گردش ۾ آهي ان جي دل کي 3,000,000,000 ورهيه اڳ ڌار ڪيو هو. اها دل چنڊ جي صورت ۾ نروار ٿي. ان گهاءُ جو نشان ڌرتيءَ جي سيني تي اڄ به موجود آهي. جتي اڄ پئسفڪ سمنڊ اڇلون ٿو ڪري اتي ڪنهن زماني ۾ ڌرتيءَ جي دل ڌڙ ڪندي هئي. هاڻي دل 240 هزار ميل پري رهي پنهنجي جسم جي چوگرد پيئي ليئا پائي ۽ سج پنهنجي ڪرڻن اکين سان دل ۽ جسم جو تماشو ڏسي پيو. سج جيڪو ڌرتيءَ کان ڏهه لکن ڀيرن کان به وڏو آهي ۽ وزن ۾ 330,0000 ڀيرا زياده آهي ۽ ويچاري چنڊ کان 465 000 ڀيرا وڌيڪ روشن آهي سو هنن کي تڪليفون پيو ڏئي. چنڊ کي هميشه سجاڳ ٿو رهڻو پوي جيڪر هڪ پل لاءِ به اک ڇنڀي وجهي ته سج ساڙي رک ڪري ڇڏيس. چنڊ به بي نور ڌرتيءَ وانگر روشنيءَ لاءِ سج جو محتاج آهي.

پنهنجي محبوب جوپٽر جي پيار ۾ ڌرتي رئندي رهي ايستائين جو پاڻ لڙڪ بڻجي وئي. پوءِ اهي لڙڪ خشڪ ٿيندا ويا. انهن لڙڪن سان هڪ نئين زندگيءَ وجود ورتو. انهن لڙڪن ۾ جان

پنجي ويئي. لڙڪ پيو جنم وٺڻ لڳا. لڙڪن پروٽو پلازم Protoplasm کي جنم ڏنو. پوءِ اهو پروٽو پلازم جيڪو هڪ خليي جو مظهر هوندو هو، پنهنجي پاڻ کي تيزيءَ سان ضرب ڪندو هڪ مان ٻه، ٻن مان چار، چئن مان اٺ، اٺن مان سورهن ۽ انهيءَ طرح لکن ۽ ڪروڙن خلين جو روپ وٺي پاڻيءَ جي جانورن (Pisces) جي شڪل ۾ آيو، جيئن ته مڇيون وغيره. پوءِ ڪن پاڻيءَ جي جانورن خوراڪ جي تلاش ۾ خشڪيءَ جو رخ ڪيو ۽ پاڻيءَ ۽ خشڪي ٻنهي تي رهڻ لڳا. انهن کي ايمفيبيا Amphibia ڪوٺيو ويو، جيئن ته ڏيڏر وغيره. ڪن ايمفيبيا هميشه لاءِ خشڪيءَ تي رهڻ پسند ڪيو ۽ انهن ريپٽائل Reptile جي صورت اختيار ڪئي، جيئن ته نانگ وغيره. انهن ريپٽائل مان ڪي پکي Ares بڻجي ويا ته ڪن وري ميمل Mamal جو روپ اختيار ڪيو. انهيءَ ميمل ۾ ذهين ترين مخلوق انسان آهي. ڪير يقين ڪندو ته انسان ڌرتيءَ جي لڙڪن جي پيدائش آهي. ويچارو صدين کان اڄايل انسان پاڻ هڪ لڙڪ آهي، ڪنهن سپ جي لڙڪ جيان هڪ انمول موتي آهي.

هيءُ پٿر جي دور جو انسان آهي. ڪيترو نه بهادر ۽ جفاڪش آهي. پر ڪيڏو نه مجبور آهي. هو صرف گندي ۽ گمراه زندگي سيني سان سانڍيو ٿو اچي. قوت گذر حاصل ڪرڻ لاءِ جان جوکي ۾ ٿو وجهي. هن جو يقين آهي ته "ڏيءُ بنا ڊولا ناهي ساڄهه سونهن جي" هو قدرت جي نظارن سان پيار ٿو ڪري. ڌرتيءَ جي چنڊ کي پنهنجو ديوتا ٿو تصور ڪري ۽ هن جي پوڄا ٿو ڪري دل کي پنهنجي جسم جي تخليق تي ناز آهي، هن کي پڪ آهي ته اهو انسان جسم جون نشانيون ڪٽي هڪ ڏينهن هن تائين رسندو.

هي وچين دور جو انسان آهي. مهذب انسان هاڻي چنڊ لاءِ ديوتا نه رهيو آهي بلڪ هڪ خوبصورت وجود آهي. هو چنڊ جي ساراهه ٿو ڪري ۽ ان کي پنهنجو محبوب ٿو ڪوٺي. انسان کي پنهنجي محبوب جون سڀ خوبيون چنڊ ۾ نظر ٿيون اچن. "اڙي چنڊ اڙي چنڊ پرين تو نه ڏٺو ناهي، سندس روپ سندس رنگ ائين ٿي آهه جيئن تون." ڪاش! هي انسان چنڊ جي غم کي به سمجهي سگهي. چنڊ جي جسم تي گهرا گهرا گهاءُ آهن جن مان کي گهاءُ ته 125 ميل ڊگها ۽ 5000 فٽ اونها آهن. چنڊ پنهنجي ڌرتي جي ڏک ۾ سڙي ناسي رنگ جو ٿي ويو آهي. چنڊ جي تمنا آهي ته انسان هن تائين چنڊ جا نياپا رسائي پر هن کي خبر آهي ته انسان لاءِ چنڊ تي رهڻ تمام ڏکيو آهي. چنڊ تي هوا ۽ پاڻي بلڪل نه آهي. انسان لاءِ چنڊ تي هلڻ به ڏکيو آهي ڇو ته چنڊ تي 150 پائونڊن جو ماڻهو 30 پائونڊن جو ٿيو پوي. وقت جي تبديلين ڪري چنڊ جي ڪثافت (Density) ۾ به فرق اچي ويو آهي. رات جي وقت چنڊ جو ٽيمپريچر 238F ٿيو پوي. ڌرتي سال ۾ ٻه پيرا دل کي راحت پهچائڻ لاءِ سج جي وچ ۾ اچي، سج جي تپش پنهنجي سيني تي برداشت ٿي ڪري ۽ چنڊ کي گرهڻ جي صورت ۾ آرام ٿي پهچائي.

ورهين کان پوءِ اڄ ڌرتي خوش ٿي نظر اچي ڇو ته ڌرتيءَ جي تخليق ڪيل انسان سال 1609 ۾ هڪ وڏي دوربين ڏاهي آهي ۽ هو چنڊ کي ڏانهن نهاري رهيو آهي. ڌرتي به لڪ ڇپ ۾ پنهنجي وڇڙيل دل ڏانهن نهاري رهي آهي. پر سج بادشاهه کي ڌرتي جو مشڪڻ نه وڻيو ۽ هو غضبناڪ ٿي ڌرتي ڏانهن وڌڻ لڳو. چنڊ سج جو اهو انداز ڏسي ڏکي ويو ۽ پنهنجي ڌرتي کي بچائڻ لاءِ سج ۽ ڌرتي جي وچ ۾ اچي ويو. سج گرهڻ ٿي ويو. چنڊ ڌرتيءَ کي بچائي ورتو پر ڌرتيءَ جي انسانن لاءِ مصيبت اچي وئي. صدين جو تجربو شاهد آهي سج گرهڻ ڌرتيءَ تي هميشه مصيبتون آنديون آهن. ڏڪار پئجي ويو، جنگيون لڳيون ويون انسانيت جو قتلام ٿيڻ لڳو. ڌرتي ويچاري پنهنجو منهن لڪائي ويهي رهي.

هي جديد دور آهي. ايٽمي انسانن جو دور انسانن ايٽم بم، هائيڊروجن بم، نائيٽرجن بم ۽ ميزائيل ٺاهي ورتا آهن، جيڪي نہ صرف انسانيت جو پر هن سڄي ڌرتيءَ جو موت آهن. ان کان پهرين جو ڌرتي جو تخليق ڪيل انسان پنهنجو موت پاڻ مري وڃي، ڌرتي ڪوشش ڪئي تہ انسان کي صحيح راهه ڏيکاري ۽ پنهنجي دل جي زخمن کي انسانيت آڏو پيش ڪري تہ شايد انسانن جو ضمير جاڳي پوي.

”ڌرتي ! تون وري بہ ناڪام رهندينءَ !“ سج چيو.

”منهنجو خلقيل انسان توکان زور آهي، تون پنهنجيون حسرتون پوريون ڪري ڏس!“ ڌرتيءَ وراڻيو.

”تنهنجو محبوب جوڀن اڄ بہ عذاب ۾ آهي!“ سج چيو.

”منهنجو خلقيل انسان توکان ان جو بہ بدلو وٺندو.“ ڌرتيءَ چيو.

ائين ٿو لڳي تہ شايد ڌرتيءَ جا سندر سپنا حقيقت جو روپ ڌارين اڄ 4آڪٽوبر 1967 آهي روس هڪ راڪيٽ SPutnlk -1 خلا ۾ ڇوڙيو آهي. هي انسان جو خلا ڏانهن پهريون تحقيقاتي راڪيٽ آهي. هن کان پوءِ تہ انسانن جو خلا تي مڪمل قبضو ٿي ويو. يوري گاگرين پهريون انسان هو جنهن خلا ۾ سفر ڪيو. امريڪا بہ خلائي ڪارگذارين ۾ مصروف آهي پر سوڻن ۽ وسوسن جو قائل ٿو نظر اچي، ڇو تہ هن جيڪي بہ خلائي جهاز موڪليا آهن تن ۾ ”7“ جو انگ شامل آهي جيئن تہ Freedom -7، :7 Libertv، Friend ship -7، Appolo -7 ڌرتي انسان جي همٿ وڌائي رهي آهي. امريڪا جا خلائي جهاز Geminic چنڊ جي چوگرد چڪر ڪاٽي رهيا آهن 1965 ۾ ڌرتي جي طرفان پهرين روسي خلائي مشين Luna -9 چنڊ کي ڇهي ورتو آهي. امريڪا جا Surveyor بہ چنڊ جي سٽاچري جا فوٽو وٺي رهيا آهن. ڌرتيءَ جي دل جا فوٽو، جنهن کي لکين گهاءُ آهن. آخرڪار اهو ڏينهن بہ اچي ويو جنهن جو ڌرتيءَ کي انتظار هو. اڄ جولائي 1969 جي 16 تاريخ آهي، انسانن ۾ تمام گهڻو جوش ۽ ولولو ٿو نظر اچي. انهيءَ ڏينهن Appalo -11 ٽن انسانن ساڻ چنڊ ڏانهن پرواز ڪري رهيو آهي. انهيءَ چنڊ ڏانهن جيڪو ڪڏهن ڌرتي جي دل ۽ انسانن جو ديوتا ۽ محبوب هو. Applo -11 هڪ ٽہ ماڙ وانگر آهي. هن ۾ ٽي ساٿي ويٺل آهن، هڪڙو راڪيٽ جو ڪپتان نيل آرمسٽرانگ ۽ ٻيا مندس ساٿي ايلن ۽ ايلڊرن ۽ مائيڪل ڪولنز. ڪجهہ فاصلو طي ڪرڻ کان پوءِ راڪيٽ جي پهرين منزل ڌار ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي هو وڌيڪ تيزي سان چنڊ ڏانهن پرواز ڪري رهيا آهن. هاڻي هنن جو راڪيٽ جو هڪ حصو وري جدا ٿي ويو. هي چنڊ گاڏي (Lunar Module) آهي جيڪا چنڊ جي سٽاچري (Mare Tranquilliiatis) ڏانهن پرواز ڪري رهي آهي. هن ۾ آرمسٽرنگ ۽ ايلڊرن ويٺا آهن. ڪولنز وري راڪيٽ کي قابو ۾ ڪيو چنڊ جي چوگرد ڦري رهيو آهي. چنڊ گاڏي پنهن جي ٽن ٽنگن جي سهاري چنڊ تي لهي چڪي آهي. چنڊ گاڏي جي هڪ طرفان ڏاڪڻيون نمودار ٿي رهيون آهن آرمسٽرانگ ڏاڪڻ تان لهي اچي چنڊ جي سيني تي بيٺو ۽ ڌرتي جو نياپو چنڊ کي ڏنائين، Thats one small step for a *m*an, but one gaiut leap for man kind.”

اڄ 9 جولائي 9(1، سومر جو ڏينهن آهي صبح جا چار لڳي ارڙهن منٽ ٿيا آهن. اڄوڪو ڏينهن ڌرتيءَ لاءِ تاحيات خوشين جو ڏينهن آهي.

”سج بادشاهہ! شڪست تنهنجو مقدر هئي، ڌرتيءَ چيو.

”ها واقعي تنهنجو تخليق ڪيل انسان ۽ تنهنجي محبت جو جذبو عظيم آهي.“

سج وراڻيو ۽ وري پنهنجي سفر ۾ مصروف ٿي ويو.

افسون ميمڻ

بي - اي مڪينڪل

ڪروپا ٽڪن

انجنيئر

توهين هڪڙا نوجوان انجنيئر آهيو، ۽ واپار خواه ڪاريگريءَ جي ڪمن ۾ سائنس جا نوان طريقا اختيار ڪري، ڪاريگريءَ ۽ مزدوريءَ جي حالت سڌارڻ جا خواب ڏسي رهيا آهيو. هن ڏس ۾ اڃا توهان کي ڏاڍا ڏوکا ڪانٽا پوندا. پر اهو ڏينهن پري ڪونهي، جڏهين توهان جو هي پرم دور ٿي ويندو. توهين پنهنجي اعليٰ لياقت ڪان ڪم وٺي، هڪڙي نئين ريلوي لائين تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا؛ جا بلڪل مٿانهين جو ڦرندي، وڏن جبلن جو سينو چيري، پن جدا جدا ملڪن (جن کي قدرت هن ڪان اڳ هڪ ٻئي ڪان جدا رکيو هو) کي ملائي ڇڏيندي. پر جڏهن ڪم شروع ٿئي ٿو، تڏهن توهين ڏسندا • ته مزدورن جا ڪٽڪن جا ڪٽڪ اونداهين سرنگهن (Tunnels) جي اندر اچ، ٻک ۽ بيمارين ۾ سڙي رهيا آهن؛ ۽ پيا ڪيترا مزدور ٽورن پئسن جي عيوض سلهه جو ٻج پاڻ سان ڪٺي، هر روز شام جو گهر ڏانهن موٽي رهيا آهن.

معمولي لالچ جي ڪري ريلوي لائين جي زمين جو هڪڙو هڪڙو وال انساني، خون جو پيٺا ڪان پوءِ تيار ٿئي ٿو، تڏهين توهين ڏسو ٿا ته توهان جي اها نئين تيار ڪيل لائين پئي ملڪ تي حملي ڪرڻ لاءِ توپن ۽ فوجن موڪلڻ جي ڪم ۾ لڳائي وڃي ٿي!

ٻيو مثال وٺو: توهان پنهنجي جوانيءَ جي جوش ۾ هڪ اهڙيءَ ايجاد ڪرڻ ۾ خرچ ڪريو ٿا، جنهن جي ذريعي مال جلدي ۽ سولائي سان تيار ٿي سگهي. گهڻي ڪوشش ۽ راتين جي اوجاڳن بعد پڇاڙيءَ ۾، توهين پنهنجي ڪوجنا ۾ ڪامياب ٿيو ٿا. توهين ان کي استعمال ۾ آڻيو ٿا. ۽ ان جو نتيجو توهان جي اميدن ڪان بلڪل ويڙهيڪ نڪري ٿو. توهان جي هڪ نئين ايجاد جي ڪري ڏهن ويهن هزارن مزدورن کي نوڪريءَ • کان جواب ملي ٿو ۽ فقط چند ننڍيءَ عمر جي ٻارن کي نوڪري ۾ لڳايو وڃي ٿو، جن جي حالت به مردم مشين وانگر بنائي وڃي ٿي. ٻه چار يا ڏهه ويهه مالدار ڪارخانن جا مالڪ ڪروڙين روپيا پيدا ڪري، شاهائي ٺٺ، ڀوڳ ولاس ۽ عيش آرام ۾ لڳي، انهن ڪمايل رپين کي انڌ نموني برباد ڪن ٿا. ڇا توهان جي مشين ايجاد جو اهو مقصد هو؟

اهڙي طرح جڏهن اوهين اڄڪلهه جي قسم جي مشينن جي ترقيءَ تي ويچار ڪندا، ته توهان

کي معلوم ٿيندو تہ سڀڻ جي مشين جي ايجاد جي ڪري سڀڻ جو ڪم ڪرڻ وارين غريب زالن کي ڪوبہ فائدو ڪونہ پهتو آهي. سخت زمين ۾ سوراخ ڪيڻ واريءَ نئين مشين جي ايجاد ٿيڻ کان پوءِ بہ کاڻين ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن کي سنڌن جي سور جي بيماريءَ ڪري موت جي منهن ۾ وڃڻو پوي ٿو. جيڪڏهن اوهين هنن سماجڪ سوالن تي ساڳئي آزاد ڀاو سان ويچار ڪندا جهڙي نموني توهين پنهنجي نين ڪوجنائن جي باري ۾ جاچ پڙتال ڪندا آهيو، تہ توهان کي اوس هن نتيجي تي پهچڻو پوندو تہ جيستائين دنيا ۾ ذاتي ملڪيتن ۽ موجوده مزدوريءَ جو طريقو قائم آهي، تيستائين هرڪا نئين ڪوجنا مزدورن جي ڀلي ڪرڻ جي بجاءِ سندن غلاميءَ کي اجا بہ وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو باعث ٿيندي سندن ڪم جي اهميت کي گهٽائيندي ۽ اقتصادي بدحاليءَ جا اسباب پيدا ڪندي. موجوده حالت مان فقط اهي ئي فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا، جن کي هر طرح جون سهولتون ۽ سک ميسر آهن.

جڏهن توهين هڪ دفعو هن نتيجي تي پهچي ويا تہ پوءِ ڇا ڪندا؟ يا تہ اوهين دوکيبازي سان پنهنجي انتر آتما (ضمير) کي چپ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ هڪڙي ڏينهن پنهنجي نوجوانيءَ جي سچن جذبن ۽ ويچارن کان هميشهہ لاءِ موڪلائي، فقط پنهنجي عيش آرام جي طريقن کي ڳولڻ ۾ لڳي ويندا. تڏهن توهان غريبن کي ڦري کائڻ وارن جي ٽولي ۾ شامل ٿي ويندا. پر جيڪڏهن توهان جي اندر ۾ همدرديءَ جو جذبو موجود آهي، تہ توهين اوس هي چوڻ لاءِ مجبور ٿيندا تہ "نہ، هي وقت وڌيڪ ڪوجنائن ڪرڻ جو نہ آهي. سڀ کان اڳ ۾ اسان کي موجوده پيدائش خواه دولت جي موجوده طريقن کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي."

جڏهن خانگي ملڪيت يا ذاتي جائداد جي نيمن جو خاتمو ٿيندو، تڏهن مشينن جي ترقيءَ مان انسان ذات پورو پورو فائدو حاصل ڪري سگهندي، ۽ هي لکين مزدور جي اڄڪلهہ فقط مشينن جي پرزن جيان چري پري رهيا آهن، سي سچ پچ هڪڙا سمجهدار انسان ٿي پوندا. ۽ پوءِ تعليمي واداري خواه جسماني محنت ۾ ڪري انسان ذات جو هيءُ مکيہ جزو پنهنجي عقل ۽ تيز ٻڌيءَ جي ذريعي. مشينن جي ترقيءَ کي اهڙي تہ اوج تي رسائيندو، جنهن جو اسين هن وقت ويچار بہ ڪري نٿا سگهون.

سيد علي اڪبر شاهه

(آخري سال تعميرات)

تربيت

گاڏي ڏکڻ ڪاڻي اسٽيشن تي اچي بيٺي ماڻ ٽڙنڪڙ ۾ هيٺ لٿس. "ڪاڪا! ڪاڪا!! ڪاڏي وڃين ٿو؟ سونکي سامان ڏيو ته کڻائي هلانو" هڪ ننڍڙي گدلي ڇوڪر واڪو ڪندي چيو، "بس پٽ هن بيتيءَ ۾ صرف استري ٿيل ڪپڙا اٿم" سون ڇوڪر کي گهوربندي چيو. دل ۾ سوچيم ته ڪيترو نه معصوم ۽ سڄاڄهو ٿيندو آهي. سندس عمر ڇهه ست سالن کان مٿي نه ٿيندي ڪهڙو نه سندس والدين کيس خلق جو سبق ڏنو آهي!! "پٽ! وٺ هي چار آنا وڃي خرچي ڪر" مون پاسي جي کيسي ۾ هٿ وڌايو. "نه ڪاڪا نه! ماڻ پئسا نه وٺندس. مون کي اگر ڪپڙا ڏيو ته کڻائي هلانو. نه ته ...." هن سنهنجي بغل ۾ وڌل ڪپڙن کي چتائي ڏسندي چيو. "شاباس پٽ! وٺ هي چار آنا، ڪپڙا آءٌ خود کڻان ٿو ڇو ته سيرا ٿي ويندا. ترن وڃي وهنجي ڪپڙا بدلاءِ. شاباس وڃ وڃ" ماڻ هن کي پيار مان مٿي تي هٿ ڦيريندي پڇڪاري چيو "نه نه" هو ڏهي هٿي ٻڌي بيهي رهيو.

ماڻ پليٽ فارم ڇڏي، سامهون هوٽل تي چانهه پيئڻ واسطي روانه ٿيس. گاڏي اچا هوا کي ڪارو ڪري رهي هئي. ڪنڌ ڦيرائي ڏٺم ته اهو ننڍڙو پوبان اچي رهيو هو. "ڇا ڳالهه آهي! هي ڇوڪرو ڪير آهي!! جو سنهنجي پچرئي نٿو ڇڏي!!!" هن کي سنهنجي ڪپڙن کڻائڻ جو ايترو اونو ڇو ٿيو آهي!" ماڻ سوچڻ لڳس "هي پار گاڏيءَ جو سزو به نٿو ماڻي ۽ خرچي به ڏيانس ٿو، نٿو وٺي ۽ ننڍڙي گلر وانگر پيڇو به نٿو ڇڏي" ماڻ سوچڻ لڳس.

ماڻ اخبار ۾ ويڙهيل ڪپڙا ٽيبل تي رکي بالم تي ويهي رهيس. ايتري ۾ بيري پاڻي ماڻ نمڻار جگ لوڏيندي، ٽيبل تي رکيو ۽ گلاس کي سڌڪو ٽيبل تي ڪرائي، پڇيائين ته "ڪيا چائيي؟". "هائو چانهه" ماڻ ڪڍ ڏوڙيندي بيري کي جواب ڏنو. مگر پاڻي ته آهستم رک. ڪپڙا خراب ڪري ڇڏيندين. "ڪپڙا نه خراب ٿيندا". هن ڪلهي تان ڪارو ٽوال لاهي، ٽيبل کي چيڪاٽ ڪيرڻايندين هٿ ڦيريو، پس صاحب ناراض نه ٿيو "صاحب ڪو ايڪ چائي لگائو". بيري وڏي واڪي آواز ڪيو ۽ ماڻ هن جي منهن کي تڪيندو رهيس. ايتري ۾ اهو مٿي پريل گدلو ڇوڪر الائي ڪيڏانهن هليو ويو! ماڻ کيس هيڏانهن

هوڏانهن ڏسڻ لڳس. ايتري ۾ بيري چانهه سان ٽمٽار ڪوپ، لوڏو ڏيندي وري ٽيبل تي رکيو. اڌ چانهه جو ڪوپ هارجي پيو. ”آهستھ“ سون هن کي منهن لينديٰ چيو ”لو ايڪ چائي صاحب“ هن ڪوپ ميرسنديٰ چيو. چانهه جون ڦهنگون ڪجهه ڪپڙن تي پاهران ويڙهيل اخبار تي به پيون.

اڙچتو! ٽي ننڍڙا گدلا ڇوڪر، هڪ نون ڏهن سالن جي ڇوڪر پٺيان ڀڄندي سون ڏانهن اچي رهيا هئا. سندن رنگ ڪارو ڦٽل، گوڏيون ڪاريون، سٿو، ٻت ۽ پير، مٽي ۾ پيپوت ۽ ٽاڪ ٽاڪ ڪندا، وڌي رهيا هئا. وڏي نينگر ڪسي ڦاٽل ٻافتي جي قميص پيل هئي ۽ اهو ڪنهن فلمي هيرو جيان سينو ڪڍيو اڳ ۾ آيو پئي. ڪپڙن جي رنگ ۽ پيشاني جي هڪجهڙائي مان نظر اچي رهيو هو تہ شايد اهي ڀائر آهن.

”اڙي سڪو! ڪاٿي آ اهو سڙمالو؟ !!“ وڏي ڇوڪر پڇندي چيو. اهو ڏسين ٿو ڪنڊ واري ڪرسي تي ويٺو آهي“ سڪو سٽ ڏيئي اڳ وڌندي چيو. سون بيري جي لوڏن ڪان بچڻ لاءِ ڪپڙا جهولي ۾ رکي ڇڏيا. ”ڪاڪا اهي ڪپڙا ڏيو“ وڏي ڇوڪر سون وٽ پهچندي چيو. ”ڪپڙا تہ منهنجا آهن.“ سون وراڻيو. ”ها پر...“ هن سوچيندي چيو. ”پر وري ڇا! سويل اهو سڪو آيو هو ۽ هن سيل تون سينڊيو آيو آهين. آخرڳالهہ ڇا آهي؟ ڇا سٽ ڏيئي ڪپڙا ڪٽي ڀڄي ويندوءُ! [illegible]ڙي نموني مسافرن کي پيا تنگ ڪندا آهيو،“ سون ڪجهہ اکيون ڦرڙائيندي جواب ڏنو. ”ڪاڪا! ٻي ڪا ڳالهہ ڪونهي. آءٌ صرف اها اخبارڏسندس ”ها پٽ ائين چؤ نہ! تہ مان اخبار پڙهندس.“ سون هن جي ڳالهہ اڌ ۾ روڪيندي چيو. ”پر هي تہ هڪ سهڻو اڳ جي اخبار آهي ۽ آهي بہ پراڻي ۽ وري آهي بہ فلمي پرچو. تون ڇا پڙهندين؟“ مان هن کي سمجهائي ڏيندي چيو. ”بس ڪاڪا! پوءِ ڪٽي فلمي پوز ڏسنداسين.“ هن وات ڇڀو ڪندي چيو. ڪيئن سڪو، انو ۽ جوسا. پيواسان کي گهرجي بہ ڇا! اسان کي صرف پوز ئي تہ ڏسڻا آهن.“ هن ڪڙين تي بيهي وڏي ڇوڪرجي هٿ ۾ ڪنيل اخبار کي ڏسندي چيو. ”نديم تہ ڏاڍو حرامي آهي. واه جو ”دل لڳي“ ۾ شرارت ٿو ڪري. اسان وانگر سچي هوندي بہ انڪلون ۽ ٽڪون ويڙهائي شبنم کي ڪيئن ٿو ملي!“ سڪو سوساٽ پريندي چيو. ”ايڪ گناه اور سهي“ انگريجي ڦلم وڏي ڇوڪر واڪو ڪندي چيو. ”پر يار محمد علي ۽ رانيءَ جي تصوير“ انوءَ مٽي کي ڪنندي چيو. سندس مٽي سان مٽيءَ جو طوفان اڏامي پيو. ”پر محمدعلي انگريجي ڦلم ۾ تہ ڪڏهن ڪونہ ڪم ڪيو آهي. هي ڦلم جو نالو بہ انگريجي ڪٽ تي آهي.“ وڏي ڇوڪر چپ تي هٿ رکي ائڪٽنگ ڪندي چيو. ”نہ نہ لوسي، هي پاڪستاني فلم آهي. ڇڻ اسان سموريون فلمون ڏٺيون نہ آهن. هي حسن طارق جو شاهڪار آهي. مون اها فلم ٽنڊو آدم ۾ ڏٺي هئي. ڏاڍي سٺي اسٽوري اٿس،“ ننڍڙي سڪو پين کي مخاطب ٿيندي چيو. ”اڙي... توهان ٽائيگرگينگ فلم ڏٺي آهي. اها انگريزي فلم جي ڪاپي ٿيل آهي. محمدعلي ۽ زيبا، انگريزي اداڪارن سان گڏ ڪم ڪيو آهي. واه جو فلم ۾ جاسوسي آهي. مان اها شڪارپور ۾ڏٺي هئي“ سڪوءَ بدمعاشي پوز هڻندي پين کي وڌيڪ ٻڌايو آخرڪار ننڍڙو سڪو پين کي پوزن هڻڻ ۾ ماري ويو. مان اهي ڳالهيون ٻڌندو ۽ ڏسندو رهيس. هنن اخبارن کي سٽون هٿي ساٿو ڪري وڌو.

”سڪو تون ڪير آهين؟ ڪٿي ويٺو آهين؟؟ پڙهين ڇا ڪندو آهي؟؟؟...“ مان لاڳيتو معصوم تي سوالن جو مينهن وسايو. ”مان شاه آهيان.“ سڪو تڪڙو جواب ڏنو. ”اسان پهريائين ٽنڊي آدم ۾ ويٺا هئاسين ليڪن لڏي هت آيا آهيون.“ سڪو اخبار ۾ نهاريندي چيو. ”تنهن جو پيءُ

ڇا ڪندو آهي؟" مون هن کان وڌيڪ سوال پڇيو. "منهنجو پيءُ..." بس هت نوڪري ۾ آهي" هن ڳالهه کي ڪاٽيندي چيو .

"انو، جوسا سپاٽي سوراٽ سينيما ۾ فلم "نوابزادا" ڏسڻ هلنداسين. ڏاڍي پنجابي ڊانس آٿس." سڪو پنهي دوستن کي صلاح ڪنديچيو. چيو، "يار مون وٽ پئسا نه آهن . منهنجو کيسو اڄ خالي آهي" انوءَ منهن لاهيندي جواب ڏنو. "چو اڇوکو ڏينهن نياڳو آهي ڇا؟" جوسي انو کي ٺوڪيندي چيو. "اڙي! چوريءَ سينيما ۾ هلنداسين، پريان اولهه طرف سينيما جي پٽ پڳل آهي. اتان لنگهي، هلي پرسان اسٽيج تي پوز هٽنداسين، ڏسنداسين. اتي سڀ ڪجهه...... صاف صاف نظر ايندو.!!" ننيڙي سڪو، سڌهير وانگر سڌو ٿيندي چيو. ۾ جي پسڪڙي وڏ ئون ته سپاٽي لڪي انهيءَ ڳوٺ جي ٽيڙيءَ کي باه ڏيندياسين. پلي ته سڄي سينيما سڙي ڍير ٿئي. مان خود ولين جو پارٽ ادا ڪندس. ڇو ته اسان جو حق آهي، ڇو ته اسان وٽ پيسو ڪونه آهي." سڪو زمين تان دڪيل اڌڙ سگريٽ جو ڪشندي، سوٽو هٽندي چيو. مان اهي ڳالهيون وڏي تعجب سان ٻڌندو رهيس. "ڇوڪرا توهان ڪير آهيو؟ سڪو تون شاه آهين؟" مون وري سوال پڇيو. "ڪاڪا اها اخبار ڏي ته آءٌ گهر کڻي وڃان" هن نڏائيندي چيو "سڪو تون، تنهنجا باقي دوست اسڪول ۾ پڙهندا آهن؟" مون سوال پڇيو."ڪاڪا اها اها اخبار ڏي ته پوءِ ٻڌايائين. مون کي اهي پوز ڏاڍا وڻيا آهن" هن پنل اخبار کي تڪيندي چيو. ظالمن هنکي ميرو ڪري ڇڏيو آهي.ڪيڏا نه سهڻا پوز آهن ۽ وري اهي پوز شايد نه اڇن. هن اخبار کي وٺندي چيو. "هلي اڇوڙي، ڪم ٿي ويو" هن ساٿين کي سڏيندي ڊوڙ پاتي. هن جا پيا به ساٿي به چرٽ لڳا.

ساڳيون هڪ ساٿهو گراهڪ کي پڪوڙاڏيئي رهيو هو. پاسي ۾ هڪ ٻيندو ريڊيو فل آواز سان سرڙاٽ ڪري وڄي رهيو هو. "ميرا پيار تيري جيون کي سنگ رهي گا" پڪوڙن وارو ريڊيه سان گڏ سرڙاٽ ڪندي ڳائي ۽ جهومي رهيو هو. "واه جو گانو آهي يار" انوءَ پڪوڙن واري جو ڏيان پاٽ ڏانهن ڇڪائيندي چيو. هل هل جان چڻ، وڃي بلورين کيڏ." پڪوڙن واري انو کي هٿ جي پنجن ٺي آڱرين جو زور لائيندي چيو. هوڏانهن جوسي پڪوڙن مان مٺ ڀري ورتي ۽ ٻئي ڪڏندا لڏندا هليا ويا.

مان اچرج جي عالم ۾ گم هوس. ڪجهه به سوچي نٿي سگهيس. تون ٻڌاءِ اهي ڇورا ڪير هئا؟ ڪنهن جا پٽ آهن؟" مون نرڙ تي هٿ ڏيندي، باقي رهيل موسي کان پڇيو.

"ڪاڪا... اهي ڇورا... انهيءَ ساڳيون پڪوڙي وارن جا پٽ آهن." موسي اشارو ڪندي جواب ڏنو.

بس منهنجي دل مان صرف هڪ ٿي سرد آه نڪتي. انهيءَ ننيڙي سڪو مان سڪندر ۽ اڪبر به ته ٿيندا.

مظهر ميمڻ

ڪارڻ

هو چندي ڏيڻ جي ثواب بابت اڻ ڳڻ حديثون ۽ حڪايتون ٻڌائيندا رهيا ۽ مان سندن ڏلها ڪوڙ قصا ٻڌڻ بدران سندن هٿ ۾ جهليل ٻوتڙي ۾ گهوريندو رهيس جنهن ۾ سڪن جو ڍيسر پيل هو. هو ڪالونيءَ جون نراسيل-نينڍڙيون معصوم آسون ٻوتڙي ۾ ٻڌيو ڪنيو ٿي ويا. ڪالونيءَ وارا جيڪي آسرن سان ڊنل ٻار جيان ڇنڀڙيل آهن، پانيان ٿو اسيدن جا گل ڳنهڻ ٿا چاهين. جيئن آني وارا ۽ ڏهن پنسن وارا اميدن جا گل- موتي لڳو هنن هي سڪا اميدن جي ساءِ موڻي اچڻ اڪا ڏني آ. ساڻهو جهان ۽ جياپي جي ڪا واٽ نہ ڏسي، انهن آسرن جي اوسيئڙي ۾ اڪيون آسونديون ڪيوڏوهو رهن جي آسرائي رهڻا آهن. هنن سپنن جي ڪا ساپيا ناهي. هنڙو ڏنو ڪنو ٿيو وڃي. ڏه دنيا ستر آخر، ازلي ڪوڙ آ تڏهن ڪالونيءَ وارا جيڪي مانيءَ لاءِ ٻاڪاريندڙ ٻارن کي چنبا ڏئيو سمهاريندا آهن الائي ڪيئن سلن لاءِ ڪجهہ سڪا بچائي رکندا آهن؟ الائي ڇو؟

جڏهن سلن ڏنو تہ مون کان ڪجهہ بہ نہ اوڳاڙي سگهندا. چيو هنن ”سڀ کي مرڻو آ، مسجد جي خدمت نہ ڪندي تہ ڪفن دفن ڪير ڪندئي ۽ ڏهين بہ چڙو ٿو“ چيو هئم ”مان لاش ڊاڪٽري جي ڪاليج کي ڏيڻ جي وصيعت ڪري ويندس.“

”پر هي جلسو رسول بخش جي ايثال ثواب لاءِ پيو ٿئي، اهو تنهنجو بہ دوست هئو“ هنن آخري چال چلي.

وراڻيو هئم ”هو هاڻ مري چڪو آ، هنڙا هزارين جلسا بہ ڪيس ڪجهہ نہ ڏئي سگهندا. پر توهان کي چئو اچي لڳي آ سندس چونڪاري جي. جيسين جيئرو هئو گهڙي بہ انساني حواسن ۾ نہ رهڻ ڏنو هئس. توهان ئي تہ سندس قاتل آهيو.“

پنهي اکيون ڪرڙيون ڪندي چيو.

نعوذ باالله تون الله لوڪن کي قاتل ٿو چوين! هن کي قاسي آئي آ، رياستي قانون ۽ شريعت محمدي موجب اسان وري ڇا ڪيو آ؟“ سندس اکين ۾ جنسي ٽانڊا ٻئي پريا.

مئين ظاهري چال چلت ۾ ڪاب اهڙي ڳالهہ نہ هئي جو ڏڪارجين همٿائين سندن صاف کهڙا گنڀير گفتگو ٻڌي ماڻهو سسي ويندا آهن، پر هو

رسول بخش جي هيتري ننڍڙي چمار ۾ مري وڃڻ جو ڪارڻ هو هئا. منهنجي آواز ۾ ڏڪار رلجي وئي.

”توهان ڪيس زهر پيئڻ سيکاريو هو. هو توهان جي روحانيت جي ويران جهنگلن ۾ رڙيون ڪري ڪري مري ويو. توهان هنکي نور جي ڳولا ۾ رولي ڇڏيو ۽ هو پنهنجو جر ڪندڙ من به وڃائي ويٺو. توهان ئي هن جا قاتل آهيو.“

پنهي جون سڀيون پيڙجي ويون، ڪجهه دير دير سون ڏانهن ڏٺن پوءِ سنهن ۾ گهنڊ وجهي مسجد ڏي هليا ويا.

مسجد جي ورانڊي ۾، نلڪن پرسان هڪ پيو ملو مسواڪ ڪري رهيو هو. سندس چهري جو سڪون ڏسي مان سوچ ۾ پئجي ويس، متان مان پليو هجان، دنيا ۾ سڀ سک هجي ۽ مان نراسائي جي پلاند کي چنبڙي پيو هجان. ياد آيم هي ملا ته تنهن ويل به مسواڪ ڪندا رهندا آهن، جنهن ويل سنائو واءُ وراڪا ڏيئي ايندو آ ها يا ڳڙو پوندو آ، انهي ساڳي سڌر چت هيٺيان ساڳي ورانڊي ۾ ويهي، رب جي رحمت جا شڪر ادا ڪندا آهن. ساڳي ويل ڪالونيءَ جا ڇپر ۽ ننا ڪنيل لغڙ ٿجي ويندا آهن، ڪچيون پتيون پرٽ لڳنديون آهن. هتان هتان آندل ٽين جي ٽڪرن مان ٺهيل ڇتيون انئين وڄنديون ڏڏيديون آهن جهڙو ڪر آڪاس مان ڪير پهڻ اڇلي رهيو هجي. ميٺهن بند ٿيڻ کان پوءِ سڀ ملا نڪرندا ڪالونيءَ ڏي، چوندا اهيا اعمالن جي شامت هئي ميلاد ڪرايو. خيرات ڪريو.

ڪالونيءَ ۾ اڄ تائين ڪو خون ٿيو به ڪونه هو. ڪنهن سوچيو به ڪونه ٿي ته اهو به ٿي سگهي ٿو. هر ڪو پنهنجي پيٽ ۾ پورو، اويل سويل هڪ ٻئي کي پيا ڪم ايندا هئا. ڪا ملڪيت هئن ڪانه جو ڪنڌ اگهي ڪڙو ٿئي. سڏ پنڌ تي شهر هو پر اتي سندن ڪير هو؟ وستيءَ کان ٻه ٽي ميل ٻاهر سل هئي جتي ڪمائيندا هئا. ايڪڙ ٻيڪڙ اٽ گاڏي وهائيندا هئا. ڪنهن ڪنهن وٽ هٽ گاڏو هو.

هو به صبح جو اٿي سل ويندو هو سڀن جيان هزارين سپنا ۽ آسرا ڪلهن تي کڻي، شام جو پڙيءَ ۾ اڇي سنهن ڏيندو هو. صبح تائين بيهوش پيو صبح وري ساڳيا سپنا. ساڳيا ڪلها اهائي سل ڪالونيءَ وارا واءُ ۾ ڏکيا وقت جي اڏايل ڏوڙ سيني ۾ سانيڀي، ڪنگهندا، ڪنجهندا، آخر پوڳڻ جو ڦل، هڪ نئين گرم، ٺهڪندڙ رت وارو جسم ڏيئي ويندا هئا، پوءِ اهو صبح جو ويندو شام جو ايندو... هيسيل هانءَ جيئڻ لاءِ هٿوراڙيون ڏين سڪي ويا هئا. رسول بخش به ساڳيءَ ڪالونيءَ ۾ پليو هو. ڪالونيءَ جي اتر ۾ ننڍڙو ڪوارٽر جتي مان وڏو ٿيو آهيان، منهنجو پيءُ رڪشا جو بهترين مستري هئو. مون کي پڙهيائين. مان ماستر ٿي ويس پر رسول بخش ڇهه درجا پڙهي سل ۾ پرتي ٿي ويو هو. سيني کي خبر هئي ته هو ڪمائي ڪمائي ختم ٿي ويو. تنهن هوندي به ڪجهه آسرو هئن ته هڪ سپ گڏجي سڄي ڦر لٽ ختم ڪندا. ايڪڙ ٻيڪڙ جلسن جلوسن ۾ شريڪ ٿيندا هئا.

هڪ ڏينهن ميان وليءَ اچي وستيءَ کي وسايو هو. الڳ پڪي پن ڪمرن جي جاءِ ٺهرايائين مسجد جي ملي حيات وليءَ گڏي جهٽ ۾ ڦوڪو ڦرڪو ڦيرائي ڇڏيو. رسول بخش به حيات وليءَ سيد جمن شاه جو مريد ٿيو هو. مسجد جي پرسان ٺهيل جاءِ ۾ التحيات واري پوزيشن ۾ ويٺو هو جيئن سڀ مريد ڏيڻ لاءِ ويهندا آهن. مرشد سائين آيو هو. سندس دل واري جاءِ ڪڍي آگرين سان چيپٽ ڏني هئائين ڇيو هئائينس، ”سڄو ڏيان قلب ڏي ڪر. تصور ڪر ته قلب مان اسم اعظم جو ورد پيو ٿئي. اهو سڀ پاڻ رسول بخش ٻڌايو هو،

جڏهن مون کي زور پرڻ آيو هو ته تون به بيعت ڪر، پڇيو هوسانس.

”تنهنجو قلب ڪليو ۽ ڪو ذڪر ذرو ملیو اٿئي؟“

تڏو ساه کڻندي چيو هئائين ”اها قسمت جي ڳالهه آ! جي مولا جي نظر ٿي پئي ته ويرمڻي ڪانه لڳي، ماڻهو شريعت طريقت جا ڏاڪا ٽپيو وڃي. جي نه ته عمر لنگهي وڃي ته به قلب جي ڪس نه لهي.“ پوءِ سندس حالت خراب ٿيڻ لڳي هئي. چيو هوسانس ”ادا پاڻ سنڀال، نوڪري ڪرڻي اٿئي“ چيو هئائين.

”هي ڏکيو ڏاڪو آ، دعا ڪجائين.“ تنهن ڏينهن هو ٻڪ ڪيندو هو. راتين جون راتيون جاڳندو ساه هو، سندس تباه ٿيندڙ زندگي لاءِ پريشان هئس، سمجهائيندي چيو هوسانس. ”تنهنجو مرشد تم ڏندو مٺو آ، پاڻ سڪائڻ هرو پرو ضروري آ ڇا؟“ مرشد جو نالو ٻڌي آڱريون اکين تي رکندي چيو هئائين.

”اهو سڀ منزلون لنگهي آيو آ.“ وڏيڪ ڪجهه به نه چئي سگهيو هوسانس جو ياري نٽي وڃڻ چاهيم. سوچيو هئم. هڪ ڏينهن ڳالهه سمجهي ويندو، پر سندس اکين جا ڏر وڏيڪ گهرا ٿي ويا هئا. راتين جون راتيون ٻاهر ويرانن ۾ هليو ويندو هو. نوڪري به ڇڏي ڏنائين. ڪيس ڪا بيماري لڳي هئي، جا وڃي ڪيس سڪائيندي.

هاڻ هو جا به گهڙي جاڳندو هو. اسم اعظم يا ڪو مولود پيو اچاريندو هو. ماڻهو چوندا ٿي هئس ”عاشق رسول“ پرياتيءَ جو سندس دردیلو آواز سڄي ڪالونيءَ کي ڏک جي جهولي ۾ اڇلي ڇڏيندو هو. دل جو وري اهڙو ڪوندو جو ڪنهن مديني جو نالو ورتو ته سڏڪن ۾ پئجي ويندو

هميشهه هڪ سٽ جهونگاريندو هئو ”منا موردمني مديني گهرائج.“ جي ٻڌائين ته ڪو حاجي پلي پاران موٽيو آ ته پوءِ انهي جي ڪي، ڪيڏو به پري رهندو هجي ملڻ ويندو. سندس هٿ پير ڏوڏاريندو ۽ پاڻي بوتل ۾ سانڍي رکندو راتين جون راتيون سندس در تي گذاريندو.

مون ساڻ رهاڻ ڪندي جڏهن ڪا حديث يا آيت يا ڪو ٻڌل قصو ٻڌائيندو ته چهرو ٽڙي پوندس. دهرايل ڳالهيون وري وري دهرائيندو. ڪڇ ڏينهن کان پوءِ سمجهيو هئم ته ائين ڇو ڪندو هو. ڳالهين جي گهرائي، مذهبي اصولن جي معنيٰ انهن اصولن جو هن دور ۾ ڪو ڪارج آهي يانه انهي ساڻ سندس ڪو واسطو نه هئو. بس ثواب ڪمائڻ خاطر محبوب سڻي جون ڳالهيون ڪندو ڪيس ساري ساه ڏيڻ ٿي چاهيائين چوندو هو ”جتي به ذڪر حبيب ٿيندو آ، اتي ستر هزار ملائڪ اچي لهندا آهن. سڄي عرش فرش جا ملائڪ درود پڙهندا آهن جنهن جو ثواب اتي ويٺلن کي ملندو آ. سوچيو هئم جي ملائڪ ايندا ويندا رهن ها ته سڄي ڪائنات کي ماتا جا داغ هجن ها. ٿي بي ته هر جيو کي اوس هجي ها جو هي وستي وچڙندڙ مرض جي وستي آ.

مديني وڃڻ جي حسرت سندس اکين ۾ اکٽ پاڻي آڻي ڪڏ ڪيو هو، جو وهنجندو رهندو هو مديني وڃڻ جو ڪو ذريعو مون کي ته نظر نٽي آيو. پاڻس الو، جنهن وٽ ڪمائيندو پيئندو هو. اهو پاڻ مزدور ماڻهو، پيٽ ۾ پورو، مٿان وري ڪيس به سنڀاليندو هو. سندس مديني وڃڻ ناممڪن هو پوءِ سندس حسرت وڏي وڌي هئي جڏهن پيرصاحب جي مريدي مان خارج ٿي ويو هو.

رسول بخش جڏهن اچا ريمانب تي هو، تڏهن مان ملڻ ويو هوسانس. هو تنهن ويل دعا گهري اٿيو هو. سندس چهري تي نظر پونديئي اندر ۾

همدردي ۽ سوچ کي سرانڊو محسوس ڪيو هئم. ڇهري تي سڪ، چپن تي ياو جرڪي رهيا هئس. ڪنهن ڇتائڻ، ڪنهن پيڙا جو پاڇو به ڏسڻ ۾ نٿي آيو. ڪيس هوش ۾ اچڻ لاءِ چيو هئم، "تو پاڻ ماريو آ، پاڻ" پاڻ لفظ تي زور ڏيندي چيو هئم. هو مرڪندو سوڻ کي ڏسندو رهيو. ڪن رکي چيائين "توهان جن جو اندر اجرو ناهي، نور ڪان بنهه سڪنا، ڇا ڄاڻو هي راز، هي خالق ۽ مخلوق جا پنهر جا ڳجها راز آهن، سندس آواز ۾ پربانپ يا اهڙي ڪا ٻي سونجهه نه هئي جنهن مان ڪنهن ڳڙ پڙ جو پتو پوي. هو گهنبيرتا سان ڳالهائي رهيو هو. مان چڙي پيس.

"انساني قتل ٿيو آ، هيءُ رڳو خالق ۽ ڪنهن خاص بندي جو معاملو ناهي.

"هون- چريا، ڪم فهم ماڻهو" توڪجي لهجي ۾ چيو هئائين. "جڏهن دل نور سان پرجي ويندي آ، پوءِ هن ڪني دنيا سان سڙني ناتا ٽٽي پوندا آهن جيڪو لوڪ ڏسندو آ، سو سچ نه هوندو آ. سچ جي صورت نه بس اهيئي ڏسندا. جن جو من مٽيو ٿي ويو هوندو.

مان سوچيو هو. هن مسڪين تي ڇو چڙيس سندس ذهن تي عجيب اولڙا پيل آهن، هو ڪنهن غير مرڪوز نڪتي کي گهوريندو ڳوليندو رهندو آ، وري هو پيري مريدي! ٽڏو ٿي چيو هئم.

"مان ته ڪو غير نه ڪونه آهيان، ڪٿي ڪجهه پڌاءِ، ڏس سون کي ته هن نور جي برسات جي ڳالهه تي به ايمان آ." ڪيس اهي واقعا ياد ڏياريم، سون وٽ وبني ويني اوچتو ڪندو هو، سبحان الله. مان ڪيس حيرت سان ڏسندو هئس. هڪ ڏينهن پڌايو هئائين ته هر وقت دنيا تي ملائڪ ايندا ويندا آهن. نور جي برسات جي صورت ۾ پر اها هر ڪنهن کي نظر نه ايندي آ انهي

روشني کي ڏسي پاڻ سبحان الله يا بسم الله چوندو هو منهنجي ڳالهه پڌي هو ڪجهه دير چپ رهيو پوءِ پرسان اچي ▒ چيائين.

"سون کي بشارت ڏسي هئي" هو ڪجهه سوچڻ لڳو هو ۽ مان سڄو ڪنبي ويو هئس. بشارت ۽ خون!

"سون کي بشارت ٿي هئي ته مدبني اچ، ات امانت ملندي. نوڙت سان عرض ڪيم، "مٺا محبوب، توهان آگاه آهيو، مان هردم بيقرار آهيان خاڪ چمڻ لاءِ پر هن شيطاني دنيا، روحانيت جا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن. ڏوڪڙ بنا ڪيئن اچان؟ بزرگ ارشاد فرمايو هو "پاڻي جي انشورنس ٿيل آ، ۽ وارث توکي ڪيو اٿئين."

مان اڪيون ڦاڙي ڪيس ڏسندو رهيس. ڪجهه ڏينهن اڳ انشورنس جي باري ۾ پڇيو هئائين جڏهن پڌايو هومانس ته وري پڇيو هئائين گروپ انشررنس ڇا ٿيندي آ؟ پڌايو هومانس. اها رڳو مزدورن جي ٿيندي آ. هاڻي تازو تازو اها شروع ٿي آ. اڳ ڪانه هوندي هئي، تڏهن سوچيو هئم هن تارڪ دنيا جو ڇا وڃي، دنيا جي ڏنڊن ۾.

پاڻس کي مارڻ ۾ حرفت نه وڏي ڏيکاري هئائين، پر پليءَ همراه کي جهلائي وڌو هو. جنهن پوڙ ۾ زهر ملايو هئائين انهي مان بچيل کي پليءَ نه چٽيو هو، سڄي پئي هئي. هوننڻ به سندس اوچتي موت تي فيڪٽري وارن جانچ ڪرائي هئي. پوءِ همراه سڪ تي پيو هو.

هو ايتري دير ڪجهه سوچيندو رهيو هو. چيو هئائين پر هي ڪورٽن وارا ڇا سمجهندا. هن ڳالهه کي- هو انهن مان ڇا ڄاڻن شيطاني ڪتابن مان مان فيصلا ڪندا آهن "ال اعمال باالنيات" هو حديث پڙهي هيٺ ويهي رهيو هو.

”پر خواب ۾ ڏيکاري ته شيطان به ڏٺي سگهي ٿو. مون کيس سندس ئي هڪ چيل ڳالهه ياد ڏياري هئي پر کيس چوچڙي لڳي وئي هئي. چيو هئائين.

”تون به انهي شيطان جي مريد حيات ولي جو پوئلڳ ٿي ويو آهين، اهو توهانکي دوزخ ۾ گهلائيندو. خبر اٿئي هڪ پيري مائي سان پڪڙيو هو مانس، تڏهن ته بيعت به واپس ورتي هئم منهنجي ساٿهون حيات وليءَ جي سڄي صورت اچي وئي سڀ چوندا هئا وستيءَ جو پرجهلو آ. جي پير صاحب نه هجي ته وستيءَ کي شيطاني کن ۾ ويران ڪري ڇڏين سڄي وستي ڏڍ پريندي هئي. خاص مريد پهرين تاريخن ۾ اچي ڏن وٺندا هئا. تڏهن جلسو ٿيندو هو، جنهن ۾ پير صاحب فيض ڏيندو هو. باقي سڄو مهنو چپ رهندي هئي. ڪو به جلسو نه ٿيندو پر ڪڏهن مل ۾ اسٽرائيڪ ٿي يا شهر ۾ ڪو جلسو جلوس ٿيڻو هجي. يڪدم چندو ٿيندو، جي چندو نه به ٿئي ته جلسو ضرور برپا ٿيندو.

چيم: اها ڳالهه اڳ ظاهر ڇو نه ڪيئي، سڄي قبيلي کي ڦري وينو اهو پير صاحب؟“

چيائين: ”اها تهمت آ، جيڪو وڏو گناه آ.“

مون سوڻندي اهو سوچيو هئو ”ڪورٽن وارا پلي اهو روحاني راز سمجهي نه سگهن پر دماغي ڊاڪٽر ضرور سمجهي ويندا. همراه ڇٽي سگهيو ٿي. جڏهن مان اتان موٽيو هئس هو شيخن کي جهلي درمان نظر اينداڙ آڪاس جي حصي کي گهوري رهيو هو.

وڪيل جي چوٽ تي ڊاڪٽري رپورٽ ورتي هئم وڪيل رپورٽ ڏسي نهڪر ۾ ڪنڌ لوڏيو هو. چيو هئائين:

”هن جو دماغ بلڪل صحيح آهي. ڪيس خون جو ئي بهندو با هوش حواس خون.“

چيو هئم ”صحيح وري ڪٿي آ، هو عجيب خواب ٿو ڏسي، پنهنجي خواهشن جا زنده جاڳندا بت ٿو ڏسي، پنهنجو پاڻ کي هدايتون ٿو ڏئي ۽ انهن شعوري حالتن ۾ انهن تي عمل ٿو ڪري. هيءُ دماغي مريض آ“ پر وڪيل چيو هو ”هو بلڪل ٺيڪ آ. بنا چڪ جي آيتون پڙهي سگهي ٿو. سالم عقل سان سچيو اٿئين ته خون ڪيو اٿئين هاڻي سبب ڪٺي کهڙو به ڏئي ڪجهه به نه ٿي سگهندو.“

چيو هئم ”هو پٽر نٽو هٽي، يا گساريون نٽو ڏئي ته صحيح دماغ ٿي پيو ڇا؟ چريائي جا هي نوان اهڃاڻ آهن“ پر سيٺي وڪيلن نهڪر ڪئي هئي ۽ مون جڏهن مائيءَ واري ڳالهه ڪالونيءَ ۾ ڪئي هئي ته سمڙ سڄي ويو هو. جمع جي خطبي ۾ مولوي صاحب منهنجي ڪالونيءَ مان ڪيڏ جي فتوا ڏني هئي. رسول بخش کي قاسي اچي وئي ۽ مان ڪالوني ڇڏي آيو هئس ۽ اڄ پنهنجي سامان جو آخري حصو ڪڍائڻ آيو هوس جو ملن چندو گهريو هو.

اڄ سندس ايمان ثواب لاءِ جلسو ٿي رهيو هو سيٺي ڏي چيو. حيات ولي فرمايو آ جي دعا نه ڪئي وئي ته بخشش ٿي نه سگهندس، قبر به ڇپائي ڇڏيندس. چين ٿي پاڻ پير صاحب هن لاءِ دعا ڪندو.

شام جو نڪرندي مون کي دير ٿي وئي - رونق ڏسي مان به ان پاسي لڙي پيس، پري کان ئي ڀڪنڊڙ اسٽيج تي نظر پئي، هيسيل آسونديون اکيون پير صاحب جي ڇهري جو طواف ڪري رهيون هيو. مسجد جون سڀ بتيون ڪليل هيون.

سامهون شهر کان ايندڙ روشني جا اولڙا ڪرڻا ڪالونيءَ تان ترڪندا اڳتي هلندا ٿي ويا. ڪالونيءَ ڪوچهائپ جي احساس کان انهي ڪوچهي عورت جيئن چڙيو هئي، جا محمد شاه رنگيلي جي دربار ۾ گهڙي وئي هجي جنهن ويل سان اتي پهتس پير صاحب جي نائب جو رودار سچي وجود کي وڪوڙي ويندڙ آواز اچي رهيو هو.

”رسول بخش پيشڪ عاشق رسول هو، پر مرشد بنان به ڪنهن کي منزل ملي آ ۽ گهڻي چيو هوسانس ته پڇا! مرشد جي خدمت ڪر اهو لڪ لنگهي ويندين. پر هن تي شيطان جو شوڪارو هلي ويو، شيطان جيڪو بندن کي گمراه ڪرڻ لاءِ اٺئي پهر واجهه وجهيو ويٺو هوندو آ، تنهن چڪي ورتس، بنا مرشد جو ٽيو ! مرشد بنا هر راه شيطان جي در تي وڃي ويندي آ.

الطاف شيخ

منهنجو ساگر منهنجو ساحل

آءُ شيلا ۽ سندس به پاڻر ڪناري تي ريتيءَ جا ننڍڙا گهر ڏاهي رهيا هئاسين ۽ سنڌ جون خبرون به ڪري رهيا هئاسين. پاڻ بيروت دان ٿي سائنٽس کان سنڌي لکڻ پڙهڻ سکي آهي. سائنٽس کان سنڌ بابت بڊل ڳالهيون ورجائي مون کان پڇي رهي هئي. لفظ لفظ ۾ جا ته سنڌ لاءِ عقيدت هيس. شاه کي ته پوڄين ٿا. پاڻ شاه جا ڪيڏا نه شعر پڙهايائين. چيوسانس ڪو سر سان راڳ پڙهاءِ .

”سچي؟!. پر هڪڙو وچن ڪر“ معصوم پيار جيان شيلا منهنجا هٿ جهلي وعدو وٺڻ لڳي.

”چئه ڪهڙو—؟“ پڇيومانس.

”سنڌ جي ان پاڪ خاڪ کي منهنجا پيار ڏجانءِ. ان ڌرتي ماتا کي پيار ڏجانءِ جنهنجي مان ڌيءَ آهيان“

ان بعد شيلا شاه جو سر راڳو شروع ڪيو ته دنگ ڪري ڇڏيائين. سندس سر ۾ عجيب ڪشش ۽ سلاس هو. ٿي سگهي ٿو ته ان وقت جي فضا ۽ ماحول جو به هٿ هجي جنهن مدهوش ڪري ڇڏيو هو. هوءَ ريتيءَ تي پلٿي پيچي، پڄن جي انداز ۾ هٿ اکين جي اڳيان ٻڌي، اکيون بند ڪري ڳائيندي رهي .

”واڻا تنهنجي راڄ ۾ مونکي چوٿون چنڊ ڏٺو،
ڏکن ڏولائن ۾ منهنجو سڙي ساه ويو،
هاٿي راڻي کي چئجو ته موسل رات مري وئي!
ڇنا منهه ماڙيون الا اوڏانهين اڏائي—
منهنجي راڻي کي رحم پوي الا ڏور وڃيو ڏينهن لائي.“

پاڻيءَ جون لهرون رکي رکي سمنڊ کان ڏار تي اسانکي ڇهي وري واپس اونهي سمنڊ جي گود ۾ جذب ٿي ٿي ويون. فضا ۾ عجيب ڪيفيت طاري هئي. سامهون پاڻيءَ ۾ عرب ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪينهونءَ سان راند ڪيڏي رهيا هئا. پري کان ”بحيره روم“ جي ڪناري تي اڏيل هوٽل Casino De Lebuan نظر اچي رهي هئي پر آءُ خيالي طرح جاگرافيءَ جون مڙيني حدون لتاڙي، پنهنجي وطن، شيلا جي وطن، شاه ۽ سچل جي وطن، هوشوءَ دريا خان جي وطن، مارئي ۽ ٻاگهيءَ جي وطن، سنڌ ۾ پهچي چڪو هوس. شيلا به شايد مون سان گڏ سنڌ پهچي چڪي هئي. مونکي به ڪو احساس نه رهيو ته شيلا ڪنهن وقت ڳائي بس ڪيو. خبر ناهي ڪنهن وقت ريتيءَ جي ننڍڙن گهرن کي ڪهڙي لهر ڊاهي ويئي، خبر ناهي ڇو، منهنجي دل روئڻ لاءِ اڇلون ڪائي رهي هئي. مون شيلا ڏي ڏٺو ته هوءَ اکين تي هٿ رکي روئي رهي هئي.

رات سوچيم ٿي ته ڪانئس خط لکي پڇان. پر ڌرتيءَ جي ڌيءَ کان پڇڻ جي همت نٿي ٿئيم جيڪڏهن هن سچ لکيو تو ايترو وڏو سچ، ايڏي وڏي تلخ حقيقت جي برداشت ڪرڻ جي هن دنيا ۾ ڪنهن کي طاقت آهي؟

ندیم میمڻ
بي-اي سول

قديم سنڌ

ماضيءَ ۾ ليئو

سنڌ ۾ دراوڙ

عالم چون ٿا تہ قديم حجري (پٿر واري) زماني کان پوءِ برف گھٽ پوڻ لڳي ۽ ڌرتيءَ جون حالتون ڦريون. ماڻھو ڌٽ ڌارڻ لڳا، ڪيتي ڪرڻ ٻاھ ٻارڻ ۽ ٿانءُ ٺپا جوڙڻ سکيا.

اڳ اڻ گھڙيل پٿر ڪم آڻيندا ھئا پر "نئين پٿر واري زماني" جو اڄ کان اٽڪل پندرنھن ھزار سال ڪن ورھہ اڳي شروع ٿيو، ماڻھن کي پٿر گھڙي ڪم آڻڻ جو خيال ٿيو. نئين پٿر واري زمانيءَ جي سڀيتا (ثقافت يا تھذيب) جو بنياد وجھندڙ دراوڙ لوڪ چوڻ ۾ اچن ٿا. دراوڙ لوڪ ٻاھران ڪاھي آيا ھئا. ان وقت ھتي ڪول ۽ سنٿال رھندا ھئا، دراوڙن انھن کي وچ ھندستان ڏي ھڪالي ڪڍيو ۽ اتر ھندستان جا والي ٿيا. سنڌ ۾ ھن وقت جيڪي اوڏ آھن سي اصل دراوڙ جي ڪل مان آھن ھن وقت "ساگر" يا "ساچو" ذات جا جيڪي مھاڻا آھن اھي سنڌ جي آڳاٽن دراوڙن جو اولاد آھن.

سنڌ جي عاليشان عاليشان سڀيتا جنھن تي آرين اچي قبضو ڪيو دراوڙن جي تھذيب ھئي پائنجي ٿو تہ آرين وٽ لوہ جا ھٿيار ھئا ۽ دراوڙن وٽ ڇو تہ لوہ جا ھٿيار نہ ھئا ان ڪري آريا ھنن تي فتح پائي ويا.

عمارتون

ھر ھڪ شھر ۾ جيڪي عمارتون ھيون، تن مان ڪنھن بہ عمارت کي ڇت ڪانھي پائنجي ٿو تہ ڇتين جون ڪاٺون ۽ لڙھيون يا پٽيون جھجي عرصي گذرڻ ڪري سڙي، پٽجي پري ويون. سڀ عمارتون پڪسريون آھن ۽ ڏسڻ ۾ اھڙيون تازيون پيون اچن، جو چئڻ تہ ڪلھہ ڪلھوڙيءَ ھي شھر پڌا ھئا.

سڀيتا جا باڻيڪار

مھن جي دڙي ۾ گھٽ ۾ گھٽ چئن قومن جا ماڻھو رھندا ھئا، ڪول ۽ سنٿال، دراوڙ الپائين ۽ چوٿان.

* آڳاٽا آريا لوڪ اصل اتر قطب جي ھاڻوڪي برفاني ميدانن ۾ رھندا ھئا، جتي ان وقت برف گھٽي ڪانہ ھئي ۽ ماڻھو با فرحت رھي سگھياٿي.

* تصوف ۽ ويدانت ڪري ساڳيا ٿي آهن.
* هن جهان کي پيدا ٿئي هڪ ارب ستانوي ڪروڙ ۽ ڪيترا هزار سال ٿيا آهن.

سڄي هندستان ۾ پهريون ٿي پهريون ڏيهي عالم لوڪمانيه بال گنگاڌر تلڪ هو.

* رگ ويدڪ سڀيتا عيسوي سن کان پنجويهه هزار وره اڳي شروع ٿي ۽ عيسوي سن کان ست هزار سال کن اڳي، وڏي پد کي وڃي پهتي.
* ويدڪ ماڻو نهايت قديم آهي ۽ آريا لوڪ گهڻو پوءِ ميرو پربت کان هندستان ۾ آيا.

سنڌو ماٿر جو احوال پهريائين پهريائين هنن جي رگ ود ۽ پوءِ ٻين ويدن، برهمڻ گرنٿن، اتهاسن، پراڻن، ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم وارن جي پستڪن مان ملي ٿو.

"هندو" لفظ جي معنيٰ آهي، سنڌونديءَ جي ڪناري تي رهندڙ.

* سنڌ جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ به ڪڇ جي رڻ ۽ ٿر ڏي ڪي صديون سانده سمنڊ هو.
* هندن ۾ به اڳي مردن پورڻ جو رواج هو. مردن ساڙڻ جو رواج گهڻو پوءِ پيو جو باهه ٻارڻ جو هنر ماڻهو پوءِ سکيا.

تباهيءَ جا سبب

مهن جي دڙي واري زمين ڪي هڪ اصل عاليشان شهر پٽدل هو، جنهن جي نالي جي ڪنهن کي به سڌ ڪانهي. اهو شهر ڪيئن تباهه ٿيو؟ تنهن بابت ڪن جو چوڻ آهي ته سنڌونديءَ جي سيلاب يا ٻوڏن سبب ۽ پر وارن جبلن تان برسات جي پاڻيءَ جي چڙن لهڻ سبب زمين دوز ٿيو. دڙي اندران جيڪي جايون هيٺئر لڌيون آهن، تن ۾ ڪن هنڌ باهه لڳڻ جا آثار به ڏسن ۾ اچن ٿا.

موهن جي دڙي جي اهميت:

ڪيترا عالم هيٺئر قبول ڪرڻ لڳا آهن ته اهو زمانو گذري ويو، جو قديم مصر ۽ قديم يونان جي سڀيتا سيني کان آڳاٽي ليکي ويندي هئي. اهو وقت ويو، جو فرات ۽ نيل ندين جي ڪنٺي وٽ جيڪي ڪم ٿي گذريا، سي سڀ دنيا ۾ آڳاٽا ليکيا هئا. هيٺئر پهريون نمبر اسانجي سنڌو ماٿر سمجهڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جي قديم سڀيتا انهن سيني هنڌن جي قديم سڀيتا کي شهه ڏيئي بيٺي آهي.

* آڳاٽن آرين جو اصلوڪو ميرو پربت ته هو، جو اتر قطب ڏي هو.
* اتر قطب ڏي وڃبو، ته پهرين هي ڳالهه ڌيان ڇڪيندي ته سج ۽ ٻيا گرهه نڪي اڀرندي کان اڀرن ٿا، نڪي الهندي ڏي لهن ٿا، پر سڄو آڪاش منڊل ائين پيو گولائي ۾ ڦري، جيئن ڪو ماڻهو ڪليل ٽوپ جهڙي پنهنجي مٿان گولائي ۾ ڦيرائي! اهو ڦيرو الهندي کان شروع ٿئي ٿو ۽ اڀرندي ڏي پورو ٿئي ٿو. هرهڪ ڦيرو چوويهن ڪلاڪن ۾ پورو ٿئي ٿو. ائين هڪ سئو اسي ڦيرا پورا ٿين يعني ڇهه مهنا گذرن ته پوءِ سج ائين اڀرندو نظر ايندو آهي، جو ڄڻ ته ڏکڻ کان اڀري ٿو ۽ اتر ڏي چڙهندو وڃي ٿو. وري سج جڏهن ڏکڻ طرف ويندو آهي ته تارا ٽمڪندي نظر ايندا آهن. انهيءَ ريت اتي ڇهه مهنا ڏينهن ته ڇهه مهنا رات هوندي آهي.
* هندستان جي تاريخ پهريائين پهريائين مائونٽ سٽيوئرٽ ايلفنسٽن تيار ڪئي هئي، جا پهريون گهمرو ١٨٠١ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي هئي.
* رگ ويد واري ٻنهه اوائلي زماني ۾ به آڳاٽا آريا لوڪ ناٽ (جهنگلي ميوا ۽ گل ٻوٽا) کائي پيٽ ڀريندا هئا، ۽ اهو دستور ٿر ڪوهستان ۽ ٻين هنڌن جا مسڪين ماڻهو اڄ تائين هلائيندا پيا اچن.
* آڳاٽا لوڪ ڏٽ ڏارڻ سکيا ته انهيءَ چوپائي مال سندن حوصلو ٻيءَ طرح به وڌايو. "فلاڻو وهٽ

سنهنجو آهي." اهو سالڪيءَ جو خيال ماڻهن ۾ پيدا ٿيو.

راجا جا فرض:

ويدن واري زماني ۾ ماڻهن ۾ لوڪ شاهي (Democrecy) جو انگ جهجهو هوندو هو. پنهنجي لاءِ راجا پاڻ مقرر ڪندا هئا. هو ائين ڄاڻندا هئا ته ملڪ اسان جو آهي، راجا ڪي اسان پنهنجي خوشيءَ سان پنهنجي بچاءَ لاءِ مقرر ڪيو آهي، تنهنڪري ڪيس پنهنجا فرض ادا ڪرڻا آهن، ۽ انهيءَ فرض ادائي ۾ اسان ڪي فقط ڪيس پيسي ۽ ماڻهن جي مدد ڏيڻي آهي. انهيءَ سبب هو پاڻ ڪي اڃا "رعيت" ڪونه ڪري سمجهندا هئا. ڪين هٿيارن پنوهارن رکڻ ڪان ڪا به روڪ ڪا نه هوندي هئي. تنهنڪري جنهن وقت ڏسندا هئا ته راجا ڳريون ڍلون وجهي ماڻهن ڪي پيڙي ٿو، تنهن وقت ساڻس جنگ جوڙڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا. اهڙي حالت ۾ ڪنهن به راجا ڪي جرئت ڪانه ٿي ٿي، جو خود مختيار ٿي جيئن وڻيس تيئن هلي.

سلطنت شاهي:

آڳاٽا راجائون، جن جا ابا ڏاڏا اصل ڳوٺاڻي جيوت گذاريندا هئا. سي جڏهن قلعن اندر عاليشان محلاتن ۾ رهڻ لڳا، ۽ رعيت وٽان ڍلن ملڻ ڪري سالا سال ٿيا، ته پوءِ مهاراجا ۽ چڪر ورتي راجا ٿيڻ لاءِ پنهنجي حڪومت جي حد وڌائڻ لڳا. انهيءَ سان سندن هڪ پيوڪارج به ٿي سگهيو ٿي. ننڍڙي ڏيهي رياست ۾ ڪو راجا سديءَ طرح نه هلندو هو ته اتي جا رهاڪو آسانيءَ سان يڪمشت ٿي خود راجا ڪي سڏو ڪري سگهندا هئا. حڪومت جي حد وڏي هوندي ته نه رڳو ملڪ جا مدبر ۽ ديس شيوڪ ملڪي ڳالهين ۾ بهرو وٺندا باقي ٻيا ٿڌا ڏڪر ٿيا ويٺا هوندا، جنهنڪري راجا ڪي آپيشاهي نمونو اختيار ڪرڻ بلڪ خلق جو رايو ربڻ سولو ٿيندو. اهڙين سرادن سان پنهنجي حڪومت جي حد وڌائڻ خاطر راجائن ڪي بعضي پنهنجي پر وارن راجائن سان جنگيون جوڙڻيون پونديون هيون.



گورڪي

ارشاد قاضي

ڪتابن جي باري ۾

تو مونکي چيو آهي تہ مان ڪتاب جو مهاڳ لکان. مان جيتوڻيڪ مهاڳ لکندڙ نہ آهيان پر مان هنڙي خوشيءَ سان پيش ڪش کي ٺڪرائيندي گهٻرايان ٿو، ان ڪري مان هن موقعي کي استعمال ڪندي ڪتابن جي باري ۾ ڳالهائيندس.

مون ۾ جيڪي ڪجهہ بہ چڱو آهي اهو مونکي ڪتابن ۾ مليو آهي.

مون جوانيءَ ۾ بہ اهو محسوس ڪيو هو تہ آرٽ ماڻهن کان وڌيڪ سخي آهي. مان ڪتابن جو عاشق آهيان، هر ڪتاب مونکي هڪ معجزو لڳندو آهي ۽ انجو ليکڪ هڪ جادوگر. مان ڪتابن لاءِ سواءِ گهري ادب ۽ پر مسرت جوش ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ٻئو ڳالهائي سگهان. اها ٿي سگهي ٿو احمقاڻي ڳالهہ لڳي پر اهو سچ آهي. شايد هيءُ هڪ جهنگليءَ جو جوش ۽ جذبو آهي، ماڻهو ڀلي چون، جو چون پيا ـ منهنجو ڪوبہ علاج ممڪن نہ آهي.

مان جڏهن ڪو نئون ڪتاب هٿن ۾ جهليندو آهيان، تہ مونکي محسوس ٿيندو آهي تہ، ڪنهن ڇاپيخاني ۾ ڪنهن مستريءَ؛ جيڪو هڪ هيرو (Hero) جيان آهي، مشين جي مدد سان، جيڪا پڻ هيرو ڏاهي آهي، مونکي لڳندو آهي تہ ڪو جيئرو جاڳندو- بهترين ۽ ڳالهائڻ جوڳو ڪجهہ منهنجي زندگيءَ ۾ داخل ٿي ويو آهي. هڪ نئين مقدس عبارت، جيڪا هڪ ماڻهو پنهنجي لاءِ لکي آهي، جيڪو دنيا ۾ سڀ کان گهڻو پيچيده آهي جيڪو انتهائي پرتجسس ۽ سڀ کان وڌ پيار ڪرڻ جي قابل آهي، هڪ اهڙو وجود جنهنجي محنت ۽ تخيل دنيا ۾ موجود سڀ ڪجهہ پيدا ڪيو آهي ۽ اهو شان ۽ شوڪت وارو ۽ حسين آهي.

مون لاءِ ڪتاب، زندگيءَ جا سونها(Guide) آهن، مونکي هوندڻ بہ چڱي چوکي خبر آهي پر مونکي ڪتاب هميشه ڪجهہ نئون ڏيندا آهن جو مان اڳ نہ ڄاڻندو آهيان، جيڪو مون ماڻهن ۾ محسوس نہ ڪيو هوندو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ سڄي ڪتاب ۾ مان توهانکي هڪ جملي کان وڌ پڙهہ نہ پئي، پر اهو هڪ جملو توهانکي انسان جي نين خوشين يا غمن کي ظاهر ڪري ۽ توهان کي انهن جي ويجهو ڪري سگهي ٿو.

تارن ڀري دنيا جي مهاتما، ڪائنات جو دلڪش مڪينزم، ۽ علم نجوم، خلائي تحقيقات

وغيره جيڪو ڪجهه به پرجوش تقريرن ذريعي پڙهايو ٿو وڃي، مونکي متاثر نه ڪندو آهي نه ڪو پر جوش بنائيندو اٿم. منهنجو خيال آهي ته ڪائنات ايتري خوبصورت نه آهي جيتري علم نجوم ۽ جوتش وارا اسانکي سمجهائين ٿا، نه دنيا جي مرڻ ۽ جيئڻ ۾ خدائي هم آهنگي ۽ انتظام ڪان به وڌيڪ، اڻ ڳڻ بي معنيٰ، بد انتظامي پري ڪير ڏارا ۾ ڪنهن اٿلي هنڌ هڪ سج ٺٺڙ ٿي ويو آهي ۽ سندس سياره اڻدي اونداهيءَ ۾ ويڙهجي ويا آهن، پر اها ڳالهه مونکي متاثر نٿي ڪري سگهي پر ڪيمائل فليميرڻ جي موت؛ جيڪو اعليٰ تخيل جو مالڪ هو، مون کي گهرو ڏک پهچايو.

اسان کي جو ڪجهه به بهترين ۽ سندر ملي ٿو اهو يا ته ماڻهن ڏاهيو آهي يا انهن بيان ڪيو آهي. اهو به ڏک سان ياد ڪرڻو پوي ٿو ته هن کي تڪليفون ۽ مصيبتون پيدا ڪرڻيون پيون آهن ۽ هن انهن کي به وڌايو به آهي، جيئن ته دوستو وسڪي، بودليئر ۽ اهڙن ٻين ڪيو، تنهن هوندي به انهيءَ ڳالهه ۾ به مونکي زندگيءَ ۾ جيڪو غليظ ۽ نفرت جوڳو آهي ان کي ختم ڪرڻ جي خواهش نظر آئي آهي.

فطرت ۾ اهڙي ڪابه خوبصورت شيءِ ناهي جيڪا اسانجو گهيرو ڪندي هجي ۽ اسان جي دشمن هجي، سندرتا ته آهي ئي اها شيءِ جيڪا ماڻهوءَ پنهنجي روح جي گهرائين مان پيدا ڪئي آهي سو، فن (Finn) پنهنجي جهنگلن، ڍنڍن، ڪٿ رنگي ۽ خوشبودار گرينائٽ کي سندرتا جا نظارا بڻائي ڇڏيو، عربن پنهنجو پاڻ کي اهو سمجهايو ته ريگستان بهتر آهي. سندرتا ماڻهو جي انهيءَ جدوجهد مان پيدا ٿي آهي ته جيئن فرد فڪر ڪري سگهي. مان منتشر ۽ وڏن جبلن مان لطف حاصل نه ڪندو آهيان پر انهيءَ چمڪ ۽ شان شوڪت مان جيڪو ماڻهوءَ کين بخشيو آهي.

مان ماڻهوءَ جي تعريف ڪريان ٿو جنهن طرح هو آسانيءَ ۽ فراخدليءَ سان فطرت کي بدلائي رهيو آهي، هڪ اهڙي فراخدلي جيڪا زمين واسين لاءِ به حيرت ڀريل آهي. جي ماڻهو انکي (فطرت کي) ويجهو ٿي پرکي ته اها رهڻ جوڳي جاءِ نٿي لڳي. سامونڊي طوفانن، زلزلن، برفاني طوفانن، ٻوڏن، انتهائي گرمين ۽ سردين، خطرناڪ جيتن ۽ اهڙن هزارين شين جي باري ۾ سوچيو جيڪي اسانجي زندگي کي جيئڻ جوڳو نه رهڻ ڏين، ڇا ماڻهو تڏهن گهٽ هيرو هو، جهڙو هينئر آهي.

اسانجو وجود هميشه ۽ جتي ڪٿي الم اڳير رهيو آهي، پر ماڻهوءَ هنن اڻ ڳڻ ٽريجڊيز کي فن جي شاهڪارن ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. مونکي انهي تبديليءَ کان وڌڪ ڪا ٻي تعجب ۾ وجهندڙ ڳالهه نه لڳي آهي. اهوئي سبب آهي جو مونکي پشڪن جي شاعريءَ جي ننڍڙي مجموعي يا فلابرٽ جي ڪنهن ناول ۾ تارن جي چمڪڻ جي، سمنڊن جي مڪينيڪل ردم جي، جهنگلن جي سرسرجي يا صحرا جي سانت کان وڌ دانش ۽ جيتري جاڳندي سندرتا نظر ايندي آهي.

صحرا جي سانت؟ اها روسي موسيقار پنهنجي هڪ ڌن ۾ تمام پر اثر طريقي سان ڏيکاري آهي. پر مان وسلر جي تصويرن کي اوليت ڏيان ٿو اها هڪ سچي حقيقت هئي جڏهن جان رسڪن چيو هو ته انگلنڊ ۾ سج لهڻ جا نظارا ٽرنر جي تصويرن کان پوءِ وڌيڪ خوبصورت ٿي ويا آهن.

مان آسمان کي وڌيڪ چاهيان ها جيڪڏهن تارا وڌيڪ وڏا وڌيڪ چمڪندا ۽ اسان جي وڌيڪ ويجهو هجن ها. جڏهن کان اسان کي انهن جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ٿي آهي، سچ ته اهي وڌيڪ خوبصورت لڳن ٿا.

مان جنهن دنيا ۾ رهان ٿو اها نديڙن هيمليٽ اٿيلوجي دنيا آهي، روميو ۽ گوريوٽ، ڪرامزوو ۽ ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ جي مسٽر ڊامبي جي دنيا آهي، ميڊم بووري، سينٽ ليسڪاٽ، ايناڪرينيا، نديڙن ڊان ڪڪس ۽ ڊان جان جي دنيا آهي.

هنن غير اهم معمولي مخلوق مان، اسان جهڙن مان، شاعرن مهاتما وارا شاهڪار پيدا ڪيا آهن ۽ انهن کي امر بڻايو آهي.

اسان جنهن دنيا ۾ رهون ٿا. انهن ۾ اهو ناممڪن آهي ته ماڻهوءَ کي سائنس ۽ ادب جي ڪتابن پڙهڻ کان سواءِ سمجهي سگهون. فلابرٽ جو، ان ڪوير سمپل، مون لاءِ انجيل جان امله آهي، نٽ هيمسن، ليئڊ اسٽرائيڪ (قدرتي پيدا ٿيڻ) مون کي آڊيسيس جان مخصوص ڪرائيندو آهي. مونکي پڪ آهي ته منهنجا پوٽا، ڏوهٽا رومن رولان جو جين ڪرسٽاف پڙهندا ۽ ليکڪ جي دل ۽ ذهن جي مهانتا ۽ هن جي انسانيت سان پيار جي نه اجهامندڙ اڄ لاءِ عقيدت ۽ احترام محسوس ڪندا.

مونکي خبر آهي ته اهڙي قسم جي پيار جو اڄ ڪلهه رواج نه آهي، پر ڪهڙو فرق ٿو پوي اهو نابود ٿيڻ کان سواءِ موجود آهي ۽ پنهنجي خوشين ۽ غمن سميت موجود رهندو.

منهنجو نه خيال آهي ته اهو پيار وڌيڪ مضبوط ٿيندو وڃي ۽ وڌيڪ سجاڳ پڻ. هنجي اظهار تي جيڪا ڪجهه پابندي ۽ عملي نقطه نگاه آهي، اسانجي وقت ۾ اهو ڪنهن به طرح هن تنگ ڪندڙ جذبي ۾ گهٽائي نٿو، جڏهن ته زندگيءَ لاءِ جدوجهد سخت تلخ ٿي وئي آهي.

مون کي ماڻهو چاڻ کان سواءِ ڪابه خواهش ناهي، ۽ ان لاءِ ڪتاب شفيق ۽ فياض ذريعو آهن. منهنجي دل ۾ انهن سڄن پڄن هيروز لاءِ وڌيڪ عزت آهي جن هن دنيا ۾ موجود جو ڪجهه به سندر ۽ مهان، انکي پيدا ڪيو آهي.



شاهه جي شاعري !!

چنل چج هڻن ٻ، ڪاهن ڪوڏارا
پورهئي خاطر پانهنجي، آئين سوارا
اوڏ ٻه ويچارا، لاڪا! وڃن لڏئو.

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون!
اڏئي ٻهر اڻن، سعيو ڪنهن سفر جو.

آئي اتر واءُ، موڪيءَ سٺ آپڻا
ستارا تنهن ماءِ، اچن سر سنباهيو.

ڪر خراب ٿيون، هيا! هڃارا
پوراءِ پريڻ جا، چوڏاري چارا
مرڻ، منهن ڪارا مڙي انهيءَ سور ۾

نڪي آهيون چوهڙا نڪي آهيون چور
هاڳاما ۽ هور، ڪتا ڪرين ڪن تي؟

وڳر وساري، ويٺين ڪڄ ماٺ ڪري
ڪه تو نه ماري، ڏٺ جهڻ سندي سڄڻين.

ويا سور مري، هنج نه رهيو هيڪڙو
وطن ڏٺو وري، ڪوڙڻ ڪانيرن جو.

متو آهين مڇ، ٿلهو ٿيو ٿونا هڻين
جا تو ڏٺي اڄ تنهن پاڏيءَ پنا ڏينهڙا

سارنگ سار لهيچ الله لگ اچين جي
پاڻي پوچ پٽن ۾، ارزان ان ڪريچ
وطن وسائيچ، ته سنگهارن سڪ ٿئي.

جهان وهي ٿڌان واٽ، ڪهڙو پڇن ڪوڙيون
جن کي ڪاهڙ جي، سي گهيڙ نه پڇن گهاٽ
جن کي عشق جي اساٽ، سي واهڙ پاڻ وڪڙي.

ڪوڙيون پڇن ڪيچ، هوت نه پڇن هٿهين
جن پنهونءَ سين پيچ، تن پيرين پند وساريو.

ليلا! لچ ۾ ايترو، اٿي اگڻ سور
ابو، ڏاڏو گهور، پاڻ سوڏو پرينءَ تان.

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪوڙيون، مورنه موچاريون
وڃي وينيون واٽ تي ڪکيءَ جون ڪاريون
انين جون آريون سهي ريءَ ڪير سهي؟

پڇي آئين، پڇٽان! لچاين مون يار!
وينيون ڪن ڪوار، منهن مٺاهان جن جا

فيروز جوڻيجو
ٽيون سال (مڪينيڪل)

غزل

اچندي تولڻ رات جا گهاريم
سحر ۾ ٿي ڪا سار لهڻ ها.
ڏور فضا ۾ ڪنهن روڳيءَ جي
سڏڪن جي گونجار سٽين ها.
تڙپي تنهنجي هجر ۾ هاريم
تن تڙڪن جي لار پسين ها.
تو در جا فرياد ڪئي هئم
هيئن نه ما بيڪار ڪرين ها.
فرقت جي سڪرات ۾ سانول
”فيروز“ اچي هڪوار ڏسين ها.

جوان انصاري

ڪاري رات جو،
گھور انڌيرو،
گھر گھر آهي،
جنھن جو ڏيرو.

مان سوچيان ٿو،
مان ڇا آهيان؟
۽ مون کي ڇا هت ڪرڻو آ،
چپ چاپ هتي رهندي رهندي،
ڇا مون کي واپس ورڻو آ،
مان سوچيان ٿو!

اڄ ڌرتي آهي ڏکڙن ۾،
سا روز ٿئي ٻاڪاري ٿي،
هت هر نه آهي هاريءَ کي،
هت ڪاج نه آهي ماڻهوءَ کي
هت روز اوپر اپري ڪان،
پيا واسينگن جا ولر اچن،
هن ڌرتيءَ جي دل ۾ تن لئه
روز نوان پيا ڪوٽ ڏهن،
مان سوچيان ٿو!

هي ڌرتي منهنجي ڌرتي آ،
مان ڌرتيءَ جو هان رکوالو
اوچتو مون آ چرڪ ڀريو!

امرت سنڌي

(بي.اي تعميرات)

سنڌ؛ تنهن جي سڪ ۾، ڇريو سنهن جو چاهہ،
آڏا ڏونگر ڏاڪڙا، هڏ وڃائين ساهہ،
هاڻي ٻورو ٿئي ٻساهہ، سنڌڙي تنهن جي سڪ ۾.

هي قوم جا ليڊر پڻ تہ ڏسو،
۽ جام پربل وسڪيءَ جا پسو،
غٽ غٽ، غٽ غٽ پيئن ٿا،
۽ قوم جي سور ۾ جيئن ٿا.

اڄ نينڊڙي ڇوڪر ڪي سون،
رستي تي ڳائيندي پڏو،
ڪو گيت اياز جو ڳائي پيو،
ڪو ساز عجيب وڄائي پيو،
ڪو پاڪ پليت ڪي توڙٿ جو،
ڪو سنڌ؛ ڪي وري جوڙٿ جو.

نہ مسجد نہ مندر ۾ آهي خدا؛
هلي آءُ، ڏسندين تہ ڇاهي خدا؟
ٻنيءَ ۾ پيو ڳاهہ ڳاهي خدا.
غريبن ٻڌايون جتي جهوپڙيون،
اتي ٿي خدا جون تجليون سڙيون.

نواز سومرو

نوٽ بڪ تان

شام ۽ وينگس

٢٨-١١-٧٤
لطيف آباد

هڪ وينگس ٻڏندڙ سج جي نارنگي روشنيءَ ۾ وهنجي وئي. وڪ وڌائڻ سان هن حسين بت جي ورن وڪڙن ۾ حسرت زده چهرن جون نظرون اڙجي ويون. مون چيو، ”روپ جو موه وقتي آ. انهيءَ ڪاريهر جيان ورندڙ جسم ۾ ٻيو ڪجهه پسو. انهن آرزوئن لاءِ سوچيو، جنهن اهو من جي مهراڻ ڇلڪائيندڙ انداز پيدا ڪيا آهن. هڪ هڪ پاؤ آدرشن جي مک تان نقاب ٿو لاهي، اهو پاوناٿن جو اظهار آهي، خيال جي چتر شالا سان اچانڪ ڏٺي آيل جذبن جو اظهار، وينگس ٻان نه ٿي چري سندس سپنا، سندس گيت، پاوناٿن هڪ لئه تيار ۾ قيد آهن. انهيءَ ڪاڪ محل جون راهون روشن ٿيون؛ ڪن اهي جسم جون لاهون چاڙهيون، پر هر موسل کي پنهنجو راڙوهوندوآهي.

ڪالهه ۽ اڄ

اڄ به تخليق جو عمل رڪيو ناهي. ان جي مينيفيسٽيشن ڊفرنٽ آهي. اڄ جو سائيڪل ايفلو روحاني عذابن جا ڪارڻ ختم ڪرڻ لاءِ انڌاري ڪوٺڙين ۾ رهي ٿو، ٻڪ ڪاٽي ٿو. جيلن ۾ بند آهي! اڄ جو ليو ڊدوونسي ازني مرڪ ڏسڻ لاءِ انهن شڪتين کي تباهه ڪرڻ ۾ لڳو پيو آهي، جن سائن جي مرڪ کسي ورتي آهي؛ جن سنڌن ڇاتين کي سڪائي معصوم ٻارن جي مرڪ کسي ورتي آهي. اڳ جو آرٽ مهان انساني خواهشن؛ انقلابي جو واحد ۽ ڪمزور مظهر هو. زندگيءَ جي اجري روپ ڏسڻ لاءِ ڳولا آرٽ آهي! اڳ اهو محرومين جي صورت ٻٽيو هو. اڳ به عظيم موسيقار، چترڪار ۽ ڪوي پيدا ٿيندا هئا، اڄ به مهان ڪلاڪار جنم وٺن ٿا.

پر اڄ اهي ساڳيون قوتون پسل ٻائي پنهنجو اظهار ٻئي طريقي سان به ڪن ٿيون. اڄ جيون جي سپت رنگ مک کي جٽو ڪرڻ لاءِ مهان ڪلاڪار، اڪرن؛ رنگن ۽ سون ۾ جيون ڀرن ٿا، ان سان گڏوگڏ اڄ جي آرٽ جو اظهار؛ دردائنه سمنڊن؛ انساني ۾ انساني وستيون وسائڻ سان به ٿئي ٿو. اڄ به فطرت جي رنگا رنگيءَ تي ڪويتائون لکيون وڃن ٿيون، پر اڄ فطرت تي چڙهيل گهاٽا تهه به لاٿا پيا وڃن؛ اڄ فطرت جي زور، ڏاڍائي تباهي ۽ بربادي‌ءَ جو ڀرپور مقابلو به ڪيو پيو وڃي. انساني تخليق؛ مشينون، مريخ تي پنهنجا نشان پيون ڇڏين. اڄ جو هوچي من، لي دوئان، ڪاسترو، منٽو ۽ عظيم اليندي ۽ ڪارولان؛ ناصر ۽ ڪمال اتاترڪ اجڙي؛ ترقي؛

گوليون کائي بہ آٿ نہ سڃي، هزارين سالن جي تخليقي ورثي ۽ انسان! جو بچاءُ ڪري ۽ اسر آرٽ پيدا ڪري رهيا آهن.

جي ٽي.وي ۽ ريڊيو جا پروگرام ۱۸ ڪلاڪ سنڌيءَ ۾ هلن تہ ڇا مسئلو حل ٿي ويندو؟ فرق رڳو اهو ايندو تہ غير سنڌين جي جاءِ تي سنڌي فنڪار، پررڊيوسرن ۽ وڏن آفيسرن کي پيئڻ لاءِ وڌ ڪ شراب ملندو ۽ سمهڻ لاءِ ڇوڪريون! جهالت اردوءَ ۾ نشر ٿيندي رهي يـا سنڌيءَ ۾ ٿيڻ لڳي ڳالهہ تہ ساڳي رهندي.

فطرت ڪنور نہ هجي ها تہ بدصورت عورتون پيدا نہ ڪري ها!

فطرت عظيم آهي جو هن عورت جهڙي هستي کي تخليق ڪيو.

نہ! نہ! مهان اهي حالات آهن جن بدڪار عورت جي هردي ۾ بہ مامتا کي جنم ڏنو.

ناري جي ڇڃي جهينگو ۽ شيدي بادشاهہ هم بادشاهہ اها ثقافت ڪهڙن مسئلن جو حل آهي!؟

ڇا پتين تي اڪيل نعرا ڏاهڻ سان مسئلاختم ٿي ويندا.

ڏوئر

۲۱-۵-۷۵

سچ پيلو، نارنگي ڳاڙهو ٿيندڙ موت ۽ انقلاب جي وچ وارو رنگ! سچ ڳاڙهو ٿيندڙ آڪاش تي ڳاڙهو رنگ هاري ويندڙ ڪن ۾ انڌڪار ڳاڙهاڻ تي سوار ٿي ويندو ۽ قربانيون بہ بيڪار ٿينديون ڏسڻ ۾ اينديون آهن ۽ ائين تہ ضرور ٿيندو ۽ ڇو جو اسان وڃون پيا، اسان هميشہ وڃڻ جي لاءِ سوچيو آهي. اسان ڪڏهن اچڻ جو، گڏ ٿيڻ جو، پاڻ اڏڻ جو نہ سوچيو آهي؛ قربانيون بيڪار وينديون. جيئن روهڙي ايڪسپريس وڃي پئي، تيز تيز ڪارا ٻهاڙ ڪاري ڊرتي ۽ پر من اندر جي "هو" روشن آ تہ انڌڪار بہ نہ رهڻو آ.

ڪراچي سڱي

گاڏي ويرانـي ۾ ٻيهل؛ بڪ! ٺڪ! ۽ رات جا ٻارنهن؛ ڇوڪرا ڪوشش ڪري پوڳ چرچا ڪن پيا، پر بڪ...! ماني گاڏي ڪان هيٺ بند ٿي بچي پئي. سڄو ڊمچر بند ٿي ويو آ، گهڙي اڳ هل هو ڇا! دٻي ۾ ڇٽ ڪاوا پريل جي ڪنهن ڏنگي نينگر گهنگهرو سمجهي وڄايا ٿي.

ڇهو هئن تہ ڪينٽ تي ٻيهندا پر ريلوي وارا ڪڏهن صحي هليا آهن! سڱي جـي هڪ ويران لوڪل شنٽنگ ۾ اچي ڦٽو ڪيو اٿن ۽ ڪابہ هوٽل يا پيو ڪو گاڏو ناهي. ڪتا آهن!! هڪ پوڙهو سنڌي بہ مليو؛ سخت پريشان هو، ڪٿي رهي؟ غريب ماڻهو! صبح ٿـي ڪراچي ۾ ڪم اٿس؛ دير مان خيال آيو هو تہ گاڏيءَ ۾ رهايونس ها پر هو نہ ملي سگهيو. هڪ ٻجي رات: سڱئين برٿ تان:

هلڪي پيلي بيمار روشني ۾ لکان پيو ٿـوءِ ماني ملي چڪي آ، گرم پاڻي ۾ اوٻاريل؛ شايد گيهہ بہ اٿن پر آهن "سفر جون پيندبيون" سفر (Suffer) تہ ضرور ڪرائينديون.

۱۴-۱۰-۷۵

ٽـن ڏينهن کان سڄي سنڌ ٽرٽلـي ۾ آهي. ادبي حلقا، شاگرد ۽ انٽليڪچول سڀ انگريزيءَ

٢١-٠-٧٥

۾ تصوف پڙهي ۽ پڙهائي رهيا آهن. پروفيسر اينيميري شمل دنيا جي مصروف ترين مستشرقين (Orictalest) مان هڪ آهي. سترهن ٻوليون ڄاڻي ٿي. مشرق جي علمن جي ماهر چئي وڃي ٿي، پر مشرق مان رڳو تصوف کيس پسند آهي. ترڪي ايران، عربستان ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪنڊ جو سڄو تصوف ۽ ان جا سلسلا کيس ياد آهن. سڄي دنيا تي تصوف جي اثر تي ڳالهائي سگهي ٿي. پر تڏهن به وڏائين ۽ تصوف جو ڳانڍاپو ۽ وڏائيت جو تصوف تي ڪوبه اثر سڃڻ لاءِ تيار ناهي! هوءَ تصوف تي اٿارٽي آهي پر کيس شايد اها خبر نه آهي ته دنيا مان ته گهڻو اڳ ۽ سنڌ ۾ به تصوف رجيڪٽ ٿي چڪو آهي. هوءَ شاهه جو اهو پورٽريٽ پيش ڪري ٿي جيڪو شوباز ويهين صديءَ جا صوفي ۽ ملا پيش ڪندا آهن. فرق رڳو اهو آهي ته هوءَ انگريزيءَ ۾ چوي ٿي ۽ هو سنڌيءَ ۾، اسان تي انگريزي تصوف جو اثر وڌيڪ نه ٿئي ٿو. حيرت آهي ته يورپي اديب تصوف جي پٺيان ڇو پيا آهن ۽ هو اسان ڏي ڇو ٿا سوکليا وڃن. سنڌ هن وقت سائنسي نظرين جي آڌار تي ترقي ڏانهن وک وڌائي رهي آهي. هن وقت کين تصوف پڙهائڻ مان ڇا ملندو!

ڪي ڪي سنڌي وڏيرا انتهائي معصوم هوندا آهن. ڳالهائڻ ٻولائڻ ۾ لاعلم ۽ سماجي طور جاهل لڳندا. ڇوڪريءَ جي ڳالهه ٻڌندا ته غيرت وچان ڳاڙها پيلا ٿي ويندا. سندن ٻيو روپ آهي، ڀاڙيدار، خوني، هاريءَ تي ظلم ڪندڙ. طبقاتي سوچ ۽ مفاد هنن جي اندر اهڙيءَ طرح جذب ٿيل آهي جو سڄي ظلم ۽ ناحق ڪندي به اهو محسوس نه ڪندا ته اهو ڪو ڪڌو ڪم ڪري رهيا آهن. دلالي، لالچ، قتل سڀ ڪائڻ پيئڻ جيان هنن لاءِ ضروري عام ٻڌجي ويو آهي. هو انتهائي معصوميت، سچائي سان انسان دشمن آهن—! سونکي دهشت رڳو اهڙن وڏيرن کان ٿيندي آهي.

ڏن جو لوپ شخصي ملڪيت جي مالڪڻي جو سياويڪ نتيجو آهي.

زمين تي هاريءَ جو اخلاقي حق آهي.

توهانجي ڪاميابي ڏن جي ڏارا ڪي هڪ شخص کان ڦيرائي انسانيت ڏانهن ڪرڻ ۾ آهي.

— ٽئگور



عبدالرئوف "م" شيخ
آخري سال (مڪنيڪل)

مڪنيڪل ايجادون

- جيمز واٽ ۱۷۶۹ع ٻاڦ تي هلڻ واري انجڻ ايجاد ڪئي.
- ۱۷۷۶ع ۾ هنري ڪيونڊس "Cavendish" هائڊروجن گئس تيار ڪئي.
- سٽيفن ۽ مائونٽ گالفيا "Montgolfia" ڦوڪڻو ايجاد ڪيو. ان سان گڏ ڪاغذ جي ٿيلهي ۾ هوا ڀري ويندي هئي. هو سڀ کان پهرين ان ڦوڪڻي ۾ آڏيا، پوءِ ڀي پائرن هائڊروجن جو ڦوڪڻو تيار ڪيو.
- ۱۷۸۴ع ۾ پهريون هوائي جهاز ٺهيو. هي گدري جهڙو هڪ ريشمي ٿيلهو هو، جنهن ۾ هائڊروجن ڀري ويندي هئي.
- ۱۷۹۴ع ۾ ڪلاڊ چيپ "Cheppe" هڪ برقي تار ايجاد ڪئي جيڪا ريل جي اچڻ ۽ وڃڻ جو وقت پڌائيندي هئي. سڀ کان پهرين هن تار جو استعمال فرانس جي ٻن شهرن لل ۽ پيرس جي وچ ۾ ٿيو.
- ۱۷۹۷ع ۾ امريڪا جي هڪ ماڻهو چارلس نيوبولڊ لوهه جو هر تيار ڪيو.
- ۱۸۰۲ع ۾ ٻاڦ تي هلڻ واري پهرين ٻيڙي تيار ٿي.
- ۱۸۰۳ع ۾ ڪاغذ سازي جي مشين ٺهي.
- ۱۸۰۴ع ۾ ٽريوٿڪ "Trevithiek" پهريون انجڻ ايجاد ڪيو ۽ ان کي ريلوي ۾ استعمال ڪيو ويو.
- ۱۸۰۵ع ۾ رابرٽ فلٽن پهرين تارپيڊو ٺاهي. ۱۸۰۷ع ۾ ان شخص ٻاڦ تي هلڻ واري انجڻ جي ٻيڙي ۾ وهي نيويارڪ کان ايلبني تائين جو مفاصلو ٽيهن ڪلاڪن ۾ طي ڪيو.
- ۱۸۰۷ع ۾ لنڊن جي اندر پهرين دفعي گيس جي روشني لڳائي وئي ۽ ۱۸۲۰ع تائين شهر جي وڏي حصي ۾ هي روشني پکڙجي وئي.

- ۱۸۱۴ع ۾ جارج سٽيفن سن ” Stephen son “ ريل ۾ استعمال جي لاءِ ٻاڦ وارو انجڻ مڪمل ڪري ورتو.
- ۱۸۱۶ع ۾ ٻن ڦيٿن وارو سائيڪل ڊاهيو ويو، جنهن کي پيرن سان هلايو ويو.
- ۱۸۱۸ع ۾ نيويارڪ ۽ لورپول جي وچ ۾ جلد کان جلد ٽپال پهچائڻ جي لاءِ تيز رفتار جهاز هلڻ لڳا.
- ۱۸۲۲ع ۾ وليم چرچ ٽائپ جي پهرين مشين ٺاهي.
- ۱۸۲۱ع ۽ ۱۸۳۱ع جي وچ ۾ فراڊي بجلي جي موٽر ۽ بجلي پيدا ڪرڻ وارو اوزار ايجاد ڪيو.
- ۱۹۲۴ع ۾ فرانس جي ماهر توپ ساز هنري پائي هينز ” Piaxhans “ ڦاٽڻ واري گولي جي توپ ايجاد ڪئي، جنگ جي تاريخ ۾ انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو.
- ۲۷ سيپٽمبر ۱۸۲۵ع ۾ انگلنڊ ۾ سڀ کان پهرين ريلوي جو افتتاح ٿيو. دنيا سڄي ۾ پنهنجي قسم جي پهرين ريل هئي.
- ۱۸۲۷ع ۾ پهرئين دفعي ڪئمري سان عڪسي تصوير ورتي وئي.
- ۱۸۰۴ع ۾ فصل ڪٽڻ واري مشين ٺهي.
- ۱۸۳۶ع ۾ امريڪا جي هڪ شخص سيموئل ڪولٽ ريوالور ايجاد ڪيو.
- ۱۸۳۶ع ۾ جوهن ڊريس ” Johann Dreyse “ سوئي‌دار بندوق ايجاد ڪئي، يعني اهڙا بندوق جنهن ۾ سوئي جي ذريعي ڪارتوس هلندا هئا.
- ۱۸۳۹ع ۾ صحيح سائيڪل ايجاد ٿي.
- ۱۸۴۰ع ۾ وليم گروو ”Grove“ بجليءَ جي روشني ايجاد ڪئي.
- ۱۸۴۲ع ۾ فلپس چڪر کائي سڌي اڏڻ وارو جهاز ”هيلي ڪاپٽر“ ڊاهيو.
- ۱۸۴۶ع ۾ هڪ آمريڪي سوئي جي مشين ايجاد ڪئي.
- ۱۸۵۵ع ۾ رائيفل ڊاهڻ وارو اصول توپن ۾ استعمال ٿيو. ان کان توپن جي مار ڊگهي ۽ نشاني ٺيڪ لڳڻ لڳي.
- ۱۸۵۹ع ۾ مشين جي ذريعي سان پيٽرول ڪيڍڻ جو سلسلو شروع ٿيو.
- ۱۸۶۰ع ۾ گيس تي هلڻ وارو انجڻ ايجاد ٿيو.
- ۱۸۶۴ع ۾ جارج پل مين ”pull man“ ريل جو ڊبو ڊاهيو، جنهن ۾ سمهڻ جو انتظام هو.
- ۱۸۶۹ع ۾ رنگدار تصويرن جو سلسلو شروع ٿيو.
- ۱۸۷۶ع ۾ گريهم بيل ” Graham bell “ ٽيليفون ايجاد ڪيو.

- ۱۹۸۷ع ۾ ٿامس ايڊيسن "Thomas Edison" فونوگراف ايجاد ڪيو ۽ ٻن سالن کان پوءِ بجلي جو بلب ايجاد ڪيو.
- ۱۸۸۵ع ۾ لنو ٽائپ "Lino type" ۽ مونو ٽائپ "Mono type" مشينون ڇاپڻ لاءِ ايجاد ٿيون.
- ۱۸۸۷ع ۾ ايڊيسن ڦرندڙ تصويرن جي مشين ايجاد ڪئي. جنهن اڳيان هلي سنيمائن جي شڪل اختيار ڪئي.
- ۱۸۸۷ع ۾ موٽر ڪارون ٺهيون.
- ۱۸۹۴ع ۾ پيٽرول تي هلڻ واريون موٽر ڪارون ٺهيون.
- ۱۸۹۵ع ۾ مارڪوني تار کان سواءِ پيغام پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو.
- ۱۹۰۱ع ۾ پروفيسر برسن "Berson" ۽ ڊاڪٽر شورنگ "Suring" هڪ ڦوڪڻي ۾ ونجهه پنجٽيهه هزار فٽ جي بلندي تائين پرواز ڪئي.
- ۱۹۰۳ع ۾ ٻن آمريڪي پائلٽن ولبررائٽ "Wilber Wright" ۽ اورول رائٽ "Orville" پهريون صحيح هوائي جهاز تيار ڪيو.
- ۱۹۰۴ع ۾ ڳالهائڻ واريون هلندڙ تصويرون شروع ٿيون.
- ۱۹۲۰ع ۾ ريڊيو ايجاد ٿيو.
- ۱۹۲۷ع ۾ ٽيليفون شروع ٿيو ۽ انهيءَ سال ايٽلانٽڪ پار ٽيليفون جاري ٿيو.
- ۱۹۳۱ع ۾ امريڪا جي هوائي جهازن ڪيليفورنيا کان منيلا تائين هوائي آمدرفت جو سلسلو شروع ٿيو.
- ۱۹۳۵ع ۾ هوائي جهازن جي آمدورفت شروع ٿي وئي.



a new cigarette with a richer blend

in a CRUSH PROOF PACK



Your kind of cigarette

Red&White

king size filter

Retail Price Rs 3.80 (including surcharge)

pti

PREMIER TOBACCO INDUSTRIES LIMITED

محمد ابراهيم پنهور
آخري سال (مڪينيڪل)

سج جي ڪهاڻي

قديم يونانين جو اهو عقيدو هو تہ آسمان جي نيري گنبذ جي پٺيءَ پاسي خدا رهي ٿو. سج، چنڊ تارا ان گنبذ جا دروازا آهن، جنهن سان خدا جي رحمت ۽ عذاب نازل ٿئي ٿو. اڄڪلهہ جي زماني ۾ نہ گنبذ کي تسليم ڪيو وڃي ٿو ۽ نہ وري سج، چنڊ، تارن کي دروازا تسليم ڪيو وڃي ٿو.

انسان جي زندگيءَ جو مدار سج تي آهي. سج نباتات ۽ حيوانات کي جيئرو ۽ وڏو ڪري ٿو، اس ۾ فصل پچن ٿا، جنهن سان نہ اسين پيٽ پاليون ٿا مگر پائڻ لاءِ ڪپڙا ۽ جان بچائڻ لاءِ گهر تيار ڪريون ٿا. نباتات تي ئي پکي ۽ جانور پالجن ٿا. جيڪي انسان کي زندگيءَ ۾ ڪم اچن ٿا. چڻ تہ انسان جي خوراڪ جو واسطو ئي سج سان آهي. زنده رهڻ لاءِ انسان کي سج جي روشنيءَ جي گهرج آهي ۽ جيڪڏهن سج ڪجهہ وقت نہ نڪري تہ اسين مونجهہ ۾ اچي وڃون. زمين ڏينهن جو سج جي تمام گهڻي گرمي جذب ڪري ٿي ۽ وري رات جي وقت آهستي آهستي انهيءَ گرميءَ کي خارج ڪري ٿي. سج جي گرمي هوا ۾ حرڪت پيدا ڪندي آهي. هوا ۾ جيڪي بيشمار جيوڙا آهن انهيءَ کي اُس ماري انسان جي حفاظت ڪري ٿي، جيڪڏهن ائين نہ ٿئي تہ جيوڙا انسان کي ماري ڇڏين، نہ رڳو زمين جي سطح تي پر سمنڊ جي اندر سوين فوٽ رهندڙ مڇيون بہ سج جي روشنيءَ جي سهاري زنده رهي سگهن ٿيون.

دنيا ۾ ڪارا ۽ پورا ماڻهو سج جي روشنيءَ جي ڪري ٿين ٿا، اڄ هي مسئلو دنيا جي وڏن سياسي سماجي مسئلن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو ڪن گرم علائقن ۾ سج جون شعائون ڪيترا جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ڪري ڇڏينديون آهن، جنهن مرض لاءِ هن زماني ۾ اڃا مڪمل علاج نہ آهي ۽ انڪري بيشمار موت بہ ٿين ٿا. انهيءَ سبب جي ڪري يونانين ”اپالوخدا“ جو نالو رکيو، مصرين ”را“ جي نالي سان پوڄيو ۽ ايرانين ”مترا“ خدا تسليم ڪيو. اڄ علم ۽ عقل جي روشنيءَ ۾ انسان سج کي فقط ”سج“ تسليم ڪيون ٿا، زياده ڪجهہ نہ ٿا سمجهون مگر انهيءَ جي اهميت ۾ ڪجهہ ڪمي نہ آئي، پر اڄڪلهہ جي ائٽمي زماني ۾ انهيءَ جي اهميت اڃان بہ وڌي وئي آهي.

توهان ڪڏهن سوچيو آهي ته سج جي حقيقت ڇا آهي؟ هو ڪيئن ۽ ڪٿان پيدا ٿيو؟ ڇا هي ختم ٿيڻ وارو نه آهي؟ توهان انهيءَ ڏينهن جو تصور ڪري سگهو ٿا جنهن ڏينهن سج ٺڏو ٿي ويندو.

اچو ته توهان کي سج جو سفر ڪرايون، پر انهيءَ جي ويجهو وڃڻ واري هر چيز خاڪ ٿي ويندي مگر انهيءَ ڪان پري به اسان هر پهلوءَ جو جائزو وٺي سگهون ٿا. اهو ته توهان ڄاڻو ٿا ته زمين گول آهي، ساسيءَ وانگر چپٽري نه پر ٻال وانگر گول. سج به هڪ وڏو ٻال آهي، ايترو وڏو ٻال جو ۱۳ لک زمينون انهيءَ ۾ سمائجي سگهن ٿيون. جيڪڏهن سج جي آرپار سوراخ ڪيو وڃي ته انهيءَ سوراخ جي ڊيگهه ۸ لک ۶۴ هزار ميل ٿيندي. سج جو صحيح اندازو هن سان ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪو جهاز ۶۰۰ ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان سج جي چوڌاري چڪر لڳائي ته ان کي ۶ مهينا لڳي ويندا. هي جهاز ۲۴ ڪلاڪن ۾ سڄي دنيا جو هڪ چڪر لڳائي سگهي ٿو.

قديم زماني ۾ ماڻهن جي خيال موجب دنيا ساري ڪائنات جو مرڪز هئي، زمين هڪ هنڌ بيٺي هئي ۽ سج، چنڊ ۽ تارا انهيءَ جي چوگرد گردش ڪن ٿا. مگر سترهين صديءَ ۾ پولنڊ جي هڪ سائنسدان ڪوپر نيڪس اهو ثابت ڪيو ته سج هڪ هنڌ بيٺو آهي ۽ ٻيا سيارا انهيءَ جي چوڌاري گردش ڪن ٿا. ڪوپرنيڪس اهو به ٻڌايو ته سج دراصل هڪ سيارو آهي ۽ آسمان ۾ چمڪندڙ تارن کان مختلف نه آهي. سج اسان کي تارن کان مختلف ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ڇو جو هو تمام وڏو ۽ گرم آهي، انهيءَ جو سبب اهو آهي جو سج اسان کان صرف ۹ ڪروڙ ۳۰ لک ميل پري آهي جڏهن ته اسان کي ٻيا وارا تارا ڪروڙين ميل پري آهن. ۱،۸۶،۰۰۰ (۱ لک ۸۶ هزار) ميل في سيڪنڊ جي رفتار سان سج جي روشني اسان کي فقط اٺن منٽن ۾ پهچي ٿي. مگر ويجهڙي ۾ ويجهڙا تارا ايترو ته پري آهن جو انهن جي روشنيءَ کي زمين تي پهچڻ لاءِ ساڍا چار سال لڳي وڃن ٿا. ۱۰ هزار ميل في ڪلاڪ هلندڙ راڪيٽ ۷۰ هزار سالن کان پوءِ انهيءَ تاري تي پهچندو. نئين معلومات جي مطابق سج هڪ هنڌ نه بيٺو آهي، پر اهو به ٻين سيارن وانگر هلندڙ سيارو آهي ۽ گردش ڪندو رهي ٿو ۽ ڪئين اربن سالن کان پوءِ مرڪز جي چوڌاري فقط هڪ چڪر لڳائي ٿو. ٻين لفظن ۾ سج جو سال اسان جي ڪئين اربن سالن جي برابر هوندو آهي.

انهيءَ وڏي سفر ۾ سج اڪيلو نه آهي، پر نو سيارا عطارد، زهره، زمين، مريخ، مشتري، زحل يورينس، نيپچون ۽ پلوٽو به آهن ۽ انهن سيارن جا ۳۱ چنڊ آهن، جن ۾ اسان جو چنڊ به شامل آهي. ۳۰ هزار ننڍا وڏا سيارا، لکين پڇڙين وارا تارا ۽ ڪروڙين ڇڙندڙ تارا انهن جي سفر جا رفيق آهن. انهيءَ ساري خاندان کي نظام شمسي چيو وڃي ٿو. ائين ته هيءُ خاندان تمام وڏو آهي، مگر انهن ۾ سج تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. جيڪڏهن انهيءَ سڄي خاندان جو هڪ هنڌ ڍير ڪيو وڃي ته انهيءَ ڍير جو ۹۹،۸۶ سيڪڙو حصو سج ۾ سمائجي وڃي ۽ باقي ۰،۱۴ سيڪڙو حصو انهيءَ خاندان ۾ اچي ويندو. انهيءَ مان اوهان اندازو لڳائي سگهندؤ ته سج ڪيڏو نه وڏو آهي، وڏي هجڻ سبب سج جي ڪشش ثقل به تمام زباده آهي، جيڪڏهن زمين تي توهان جو وزن ۱۳۵ پائونڊ آهي ته سج تي توهان جو وزن ۲ ٽن ٿيندو زمين کان راڪيٽ کي چنڊ يا ڪنهن ٻي سياري تي پهچڻ لاءِ انهيءَ جي رفتار گهٽ ۾ گهٽ ۲۵ هزار ميل في ڪلاڪ هجڻ گهرجي، مگر سج جي دائري ثقل کان نڪرڻ لاءِ گهٽ ۾

گهٽ ۾ گهٽ چوڏهن لک ميل في ڪلاڪ جي رفتار درڪار ٿيندي.

اها ته توهان کي خبر آهي ته سج تمام گرم آهي، ليڪن توهان اهو اندازو نه لڳايو هوندو ته سج ڪهڙيءَ طرح گرم آهي، توهان جي جسم جي درجه حرارت صرف ٣٧° سينٽي گريڊ آهي، ٽهڪندڙ پاڻي جو ١٠٠° ۽ ٥٠٠ کان ١٠٠٠ تائين لوهه ايترو ته گرم ٿي ويندو جو تمام گرم ۽ ڳاڙهو نظر ايندو آهي. جيڪڏهن لوهه کي ١٥٠٠° سينٽي گريڊ گرمي ڏبي ته لوهه پاڻيءَ وانگر وهي هلندو ۽ ٣٠٠٠° سينٽي گريڊ لوهه ٻاڦ ٿي اڏامي ويندو. سج جي گرمي گهٽ ۾ گهٽ ٦٠٠٠° سينٽي گريڊ آهي هي صرف سج جي سطح جو درجه حرارت آهي، مگر وچ تي ٢ ڪروڙ ڊگري سينٽي گريڊ تائين وڃي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو سج تي ڪابه شيءِ اصلي حالت ۾ نٿي رهي سگهي. سج دراصل تمام گرم گئسن جو تمام وڏو گولو آهي. شايد توهان سوچي رهيا هوندا ته هوا جو گولو ڪيئن ٺهي سگهي ٿو؟ هي ڪشش ثقل آهي جو گيس کي هڪ گولي جي شڪل ۾ گڏ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندي آهي. توهان سج کي ٣٨٠ ڪرب ڪرب واٽ جو بلب چئي سگهو ٿا. سج روزانه دنيا کي ڪيترن ڪرب ڪلوواٽ بجلي مهيا ڪري ڏئي ٿو. پر توهان کي انهيءَ ڳالهه جي حيرت لڳندي ته اسانجي دنيا سج جي بجلي جي سواءِ ٻن ڪرڙن سان صرف هڪ حصي جي حقدار آهي، باقي ٻي سڄي توانائي هوا ۾ خارج ٿي وڃي ٿي. گهڻي عرصي کان وٺي انهي ڳالهه جو عجب آهي ته سج ايتري روشني ۽ توانائي ڪٿان آڻي ٿو؟ اهو مسئلو ائٽمي دنيا ۾ حل ٿي ويو آهي. اڄڪلهه ائٽم بم ۽ هيڊروجن بم جو هرهنڌ چرچو آهي. سج جي توانائي جو ذريعو به جوهري توانائي آهي، ائين سمجهو ڪٿي ته سج ۾ اندر هر گهڙي لکين ڪروڙين ائٽمي ڌماڪا ٿين ٿا ۽ انهن جي روشني ۽ توانائي اسان وٽ حرارت جي صورت ۾ پهچي ٿي. ايٽم جو نظريو مشهور رياضي دان ۽ سائنسدان "آئن اسٽائن" ١٩٠٨ع ۾ پيش ڪيو ته مادي جي ايٽم کي ٽوڙي تمام گهڻي توانائي حاصل ڪري سگهجي ٿي. هڪ پائونڊ ڪوئلا ٻاري توهان پنهنجي ڪمري کي ڪن ٿورن ڪلاڪن لاءِ گرم رکي سگهندو مگر ائٽمي عمل ۾ هڪ پائونڊ ڪوئلن مان توهان ايتري توانائي حاصل ڪري سگهو ٿا جيتري منگلا بند سالن ۾ مس پيدا ڪري سگهندو. انهي مثال کي وڏي پيماني تي وٺو. جيڪڏهن سج ۾ ڪوئلا ٻرن ها ته سج صرف ٢٥ سو سالن ۾ خاڪ ٿي وڃي ها ليڪن اندازي مطابق سج ٥ ارب سال ائين چمڪندو رهيو آهي ۽ اميد آهي ته اڃا به ڪيئي ارب سال چمڪندو رهندو. مگر اهو ڏينهن ضرور ايندو جڏهن سج ٿڌو ٿي ويندو.

سج ائٽمي توانائي ٻن وسيلن ذريعي حاصل ڪري سگهي ٿو. پهري ۾ هيڊروجن ۽ هيليم گئسن جي تبديلي ٿئي ٿي ۽ انهي جو ڪجهه حصو تباهه ٿي توانائي ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. صرف هڪ سيڪنڊ ۾ سج ٥٤ لک ٽن هيڊروجن تباهه ڪري ٿو. مگر اربن سالن کان وٺي ان فضول خرچ تي اڃان تائين وزن ۾ ڪابه ڪمي ڪانه آئي آهي.

سج جي پيدائش جو به اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سائنسدانن حساب لڳايو آهي ته اڄ کان ٥ ارب سال اڳ پيدا ٿيو هو. جڏهن اڃان سج پيدا ڪونه ٿيو هو، هيءَ ساري ۾ ڪائنات هيڊروجن پکڙيل هئي. انهيءَ هيڊروجن روشني (توانائي) ۾ هڪ بيپناهه سمنڊ جنم ورتو ۽ روشني مادي ۾ تبديل ٿي وئي. هيءَ روشني ڪٿان آئي؟ انهيءَ سوال جو جواب ڪنهن وٽ ڪونهي ۽ هيڊروجن جي انهي سمنڊ ۾ ڪنهن جاءِ تي ڳڙٻڙ

پيدا ٿئي پئي ۽ باهمي ڪشش جي ڪري هيڊروجن جا ڪجهه ذرا هڪ هنڌ گڏ ٿي ويا، انهي ذري جي ڪشش ٻين ذرن کان گهڻي آهي ۽ اهو ذرو ٻين ذرن کي ڇڪيندو رهيو. جيئن جيئن هيءَ ذرو وڏو ٿيندو، تيئن تيئن هن جي ڪشش ثقل وڌندي رهي ۽ اهڙي طرح سان انهي جو دائرو وڌندو رهيو، تان جو ڪروڙن ميلن تائين ائٽم اچي انهي ذري سان لڳا. ڪن سائنسدانن جي خيال موجب انهي هيڊروجن جو ذرو ڇهه ڪرين ميلن جي اندر جمع ٿي ويو ۽ انهي ذري آهستي آهستي سج جي صورت اختيار ڪئي. هيڊروجن هڪ هنڌ گڏ ٿيندي رهي ۽ انهي سبب ڪري ”ننڍي سج“ جي درجه حرارت وڌندي رهي. اڃان سج چمڪڻ شروع ئي نه ڪيو هو. جڏهن سج جو درجه حرارت لکن تي پهچي ويو، تڏهن کان وٺي سج ۾ ائٽمن جو عمل شروع ٿي ويو ۽ درجه حرارت ۾ واڌ ايندي وئي. جڏهن سج جو درجه حرارت هڪ ڪروڙ ڊگرين تي پهتو تڏهن ائٽمن جو عمل هڪ تمام طاقتور ڪاربان ۽ نائٽروجن جي ڦيري ۾ تبديل ٿي ويو ۽ سج انهي کان به وڌيڪ گرم ٿيڻ لڳو. پهريائين هي عمل ڪاربان ۽ نائٽروجن جي غيرموجودگيءَ ۾ تمام سست هو. جيئن جيئن ڪاربان نائٽروجن جو عمل تيز ٿيندو رهيو، تيئن تيئن سج جي درجه حرارت ۾ واڌ ٿيندي رهندي ۽ ٿيندي رهندي. انهيءَ نتيجي ۾ اسان جي دنيا ۾ لڳاتار گرمي پکڙجي رهي ۽ دنيا گرم ٿيندي رهي. ڪڏهن اهو وقت ايندو جو سمنڊ جو پاڻي ٽهڪڻ شروع ڪندو ۽ دنيا جي تختي تي جيڪي به ڪائنات آهي سڀ جلي خاڪ ٿي ويندي. ليڪن گهٻرايو نه اڃان ڪئين لک سال انهيءَ آفت جو خطرو نه آهي ۽ سائنسدان حالت پيدا ٿيڻ کان اڳ اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿي جو انساني زندگي موجود رهي.

سج جي مطالعي ڪرڻ وارن سائنسدانن دوربينن جي وسيلي سج ۾ عجيب و غريب نظارا ڏٺا آهن. ڪن سائنسدانن ائين به ڏٺو آهي جيئن ڪنهن ديگ ۾ چانور رجهندا هجن. انهن جي وڏي گولي هئڻ سبب انهيءَ جي تهه جي چوڌاري وڏا ٻوڙڙا نظر ايندا رهيا ۽ تهه کان نڪري اهي ٻوڙڙا ڦاٽڻ لڳا. اهي ٻوڙڙا اسان کي دوربينن جي وسيلي ٽهڪندڙ نظر اچڻ لڳا. ليڪن سج جو هڪ ٻوڙڙو چانورن جي مقابلي ۾ ڪئين هزار ميل وڏو ۽ پکڙيل نظر ايندو آهي. اهي جيڪي چانورن وانگر ٽهڪن ٿا انهن جي ڦاٽڻ جو آواز ايترو ته وڏو آهي جو دنيا ۾ ڪابه شيءِ اهو آواز برداشت نه ٿي ڪري سگهي. بعضي ڪن سياستدانن کي سج ۾ پليون به نظر آيون آهن. انهن پلين جون تصويرون اڄ ڪلهه جي پلين سان ملن ٿيون، جيڪي ريلوي لائينن لاءِ ٺهيل آهن. اهي پليون ڪئين هزار ميل وڏيون آهن. ٿوري ٿوري وقت کان پوءِ اهي ڊهي ذرا ذرا ٿي پون ٿيون ۽ ڪنهن وقت انهن پلين جا ٽڪرا ڪئين هزار ميل وڏا ٿين ٿا. اهي سج جي سطح کان ڪئين ميل پري وڃي وري به سج جي گود ۾ ڪري پون ٿا. ائين نظر ايندو آهي، جيئن سمنڊ جي سطح تي ٽوڦون چڙهي رهيون آهن. سج جي سطح تي ڪئين هولناڪ شعلا نظر ايندا آهن جن کي (Flares) چيو وڃي ٿو. انهن شعلن سبب زمين جي مقناطيس متاثر ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن انهيءَ سبب ڪري ٽيليفون، ريڊيو، راڊر ۽ ٽيليگراف ۾ گڙٻڙ پيدا ٿيندي آهي. ريڊيو ۾ گڙٻڙ پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ اهي شعلا آهن.

زمين وانگر سج ۾ به ماهانا ۽ ساليانو گردش پيدا ٿئي ٿي ۽ اهڙي طرح سان سج ۾ ڏينهن رات ۽ سال وجود ۾ اچن ٿا ۽ اسين انهيءَ ڪري سج جو ڏينهن رات نه ٿا ڏسي سگهون ڇو جو سج جو ڏينهن اسان جي ٢٧ ڏينهن جي برابر آهي. جيئن ته سج گئس سان ڀريل آهي، انهيءَ ڪري اسان جي زمين انهيءَ جي برعڪس برابر حرڪت نه ٿي ڪري. خط استوا وارا ذرا سست برابر ٿين

ٿا مگر اهي ٢٥ ڏينهن ۾ پنهنجي گردش پوري ڪن ٿا. انهيءَ غير ديرپا گردش جي وجهه سان سج ۾ هر وقت زبردست مقناطيسي طوفان پيدا ٿين ٿا. گئس جي سمنڊ ۾ بعض ايترا وڏا داغ پيدا ٿين ٿا، جو اسين اهي داغ دوربينين کان سواءِ زمين تان ڏسي سگهون ٿا. انهن داغن کي انگريزيءَ ۾ (Sunspots) چيو ويو آهي. انهن داغن ۾ ايتري ته مقناطيس موجود آهي جو زمين جي مقناطيس کان ١٥ هزار دفعا طاقتور آهي. اهي داغ ڪجهه وقت کان پوءِ ختم ٿي وڃن ٿا يا سالن جا سال نظر اچن ٿا. اهڙيءَ طرح سان انهن وڏن داغن جو تعداد گهٽبو ۽ وڌندو رهي ٿو. اهڙي طرح هر يارهن سالن کان پوءِ انهن داغن جو تعداد تمام گهڻو ٿي ويندو آهي ۽ وري گهٽ ٿيڻ شروع ڪندا آهن. انهن داغن جي ڪري دنيا ۾ عجيب و غريب واقعا پيش اچن ٿا، انهن جي وڌڻ ڪري زمين جي مقناطيس متاثر ٿئي ٿي.

زمين ۾ مقناطيس جي قوت هوندي آهي. اسان جي دماغ ۾ انهن ذرن جي ذريعي ڪم ڪري سگهجي ٿو. زمين جي مقناطيس ۽ سج جي مقناطيس جي پاڻ ۾ گهڻي ڪشش هوندي آهي، ليڪن جڏهن سج ۾ داغن جو تعداد وڌي وڃي ٿو ته زمين جي مقناطيسي قوت متاثر ٿئي ٿي انهن سبب ڪري اسان جو دماغ متاثر ٿئي ٿو.

سج ۾ ڪيتريون ئي تبديليون ايندڙيون رهن ٿيون. جن مان سج گرهڻ عام مشهور آهي. چنڊ ڌرتي جي چوڌاري گردش ڪري ٿو. هر ٢٧ ڏينهن کان پوءِ چنڊ پنهنجو سفر پورو ڪندو. سج ۽ زمين جي وچ ۾ اهڙي طرح سان اچي وڃي ٿو. جن علائقن ۾ چنڊ جو پاڇو نظر اچي ٿو، انهن علائقن ۾ سج گرهڻ نظر اچي ٿي. گرهڻ خاص ڪري سڄي دنيا ۾ نظر نه ٿي اچي ۽ اها خاص علائقن ۾ نظر اچي ٿي. هروقت چنڊ جو اهو پاڇو ڪنهن نه ڪنهن علائقي تان گذرندو آهي.

سج، چنڊ جي پٺيان چڱي طرح لڪي نه ٿو سگهي ۽ اهڙي طرح سان جيڪي اس پوي ٿي، انهي اس جو رنگ ڦڪو نظر ايندو آهي ۽ زمين تي مڪمل اوندهه نظر نه ٿي اچي. ڪڏهن ڪڏهن مڪمل گرهڻ به نظر ايندي آهي. ٣٠ جون ١٨٥٤ع ۾ مڪمل سج گرهڻ ٿي هئي. هي گرهڻ تمام دلچسپ هئي ۽ تمام گهڻي اونداهي ٿي هئي ۽ ايتري ته سردي وڌي وئي جو ڊسمبر جي طوفاني رات ۾ به ايتري سردي ڪانه پوندي آهي. هوا جي رفتار ۾ تمام گهڻي تيزي اچي وئي ۽ انهي ماڻهن کي وڏيڪ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. پکي ۽ جيت لڪڻ جون جايون ڳولڻ لڳا. پکي وائڙا ٿي آسمان ڏانهن اڏامڻ لڳا. رڍن ۾ جيڪو گوڙ ٿيندو آهي ۽ اهو سج جي شعلن جي گهٽجڻ ڪري بلڪل بند ٿي ويو. مگر ماڻهن کي رڍن جي ٻڌڻ جو شوق ته ڏهوڻو پر تمام وڏي هراس ۾ پئجي ويا ۽ چوڻ لڳا ته قيامت اچي وئي. صرف ڏهن منٽن کان پوءِ سج ٻورو پنهنجو منهن ڪڍيو ۽ آهستي آهستي پنهنجو ظاهر ٿي ويو.

اسان جي ملڪ ۾ اهو منظر چند منٽ ڏسڻ ۾ آيو. مڪمل سج گرهڻ وري ٻن صدين کان پوءِ ڏسڻ ۾ ايندي. (ظاهر آهي ته اهڙي مڪمل سج گرهڻ پنهنجي زندگي ۾ ڏسي نه ٿا سگهون) ايندڙ مڪمل سج گرهڻ ٢١٥٠ع جي لڳ ڀڳ ٿيندي. بهرحال اها سج گرهڻ ڪا خراب نه آهي. هي رڳو فضول روايتون اسان صرف وهم پرستن کان سکيون آهن ته سج ۽ چنڊ گرهڻ ٿيندي تڏهن قهر نازل ٿئي ٿو. سج اڃان ڪئين ڪروڙ سال چمڪندو رهندو.

سج آهستي آهستي گرم ٿيندو رهي ٿو. ڪروڙين سالن کان پوءِ اهو ائٽمي عمل آهستي آهستي سست ٿي ويندو ۽ ان جي روشني ختم ٿي سگهي ٿي ۽ سج جي شڪل ڦڪي ٿي ويندي. ليڪن تڏهن به ڪئين لکن سالن تائين سج گرمي خارج ڪندو رهندو. پوءِ اهو سلسلو ختم ٿي سگهي ٿو ۽ سج (خاموش سج) بڻجي سگهي ٿو.

آسڪر وائلڊ

زاهد احمد سومرو
بي.اي (اليڪٽرانڪس)

مثالي مالدار
(THE MODEL MILLIONAIRE)

امير هجڻ کان سواءِ ڪنهن جي به وڻندڙ هجڻ ۾ ڪوبه فائدو ڪونهي. رومانس امير جو اضافي حق آهي نه ڪي بي روزگار جو ڏنڊو، غريب کي عملي ۽ عام هجڻ گهرجي. مستقل آمدني جو هجڻ دل وندڙ کان تمام سٺو آهي. اهي موجوده وقت جون عظيم ترين حقيقتون آهن جن کي هيوگي ارسڪائن نه سمجهيو هو! ويچارو هيوگي! اسان کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته هو ذهني طور اهم نه هيو. هن پنهنجي سڄي ڄمار ۾ ڪابه سٺي يا خراب شيءِ تخليق نه ڪئي هئي. هن جو پورو پورو گهنڊيل سنهن ڪنهن سنگمرمر جي مورتيءَ کان به وڌيڪ سندر هيو، سنهان وري ناسي وار ۽ نيريون اکيون. ان ڪري هو مردن ۾ به ايترو ئي مقبول هيو، جيترو عورتن ۾. هو پيسن ڪمائڻ کان سواءِ هر شيءِ ڪري پئي سگهيو. سندس پيءُ مرڻ وقت هن لاءِ هڪ فوجي تلوار ۽ جنگي تاريخ (History of Perionsula war) جا پندرهن جلد ڇڏيا هئا. هيوگي تلوار ڪوٺي جي پٽ تي آئيني هيٺان لڙڪائي ڇڏي هئي ۽ تاريخ جا جلد تاق تي ٻين رسالن سان گڏ رکي ڇڏيا هئائين. سڄو سال ماسي وٽان ملندڙ ٻه سؤ پائونڊن تي گذر ڪندو هو. هن وقت تائين ڪيئي ڌندا آزمايئين، اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ويو، پر ڏاندن ۾ پوپٽ ڇا ٿي ڪري سگهيو. ڪجهه وقت لاءِ چانهه جو واپار ڪيائين پر اتي به دل نه لڳس پوءِ وري شراب جو واپار ڪيائين پر هڙ حاصل وڃي پڙي پيس. آخر ۾ اتي وڃي بيٺو؛ جتي بيٺل آهي، سهڻي شڪل وارو ڳڀرو جوان بنا ڪنهن ڌنڌي جي واندو.

معاملن کي اڃا خراب ڪرڻ لاءِ، هڪ رٽائرڊ ڪرنل، (جنهن جو هاضمو ۽ طبيعت هندستان ۾ خراب ٿي ته اڃا تائين درست ڪونه ٿيس) جي ڌيءُ لارا هرٽن سان پيار ڪيائين. لارا به هن کي پيار ڪندي هئي ۽ هو سندس جتي چمڻ لاءِ به تيار هوندو هو. لنڊن ۾ هي سڀ کان سهڻو جوڙو هيو ۽ ٻئي هڪ ٻئي کان وڌيڪ سهڻا هئا. ڪرنل به هيوگيءَ کي پائيندو هو، پر ڪنهن سڱڻي يا وهانءَ جو ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو.

”مون وٽ ان وقت اچجانءِ جڏهن تو وٽ ڏهه هزار پائونڊ پنهنجا هجن؛ پوءِ ڏٺو ويندو.“

هو اڪثر چوندو هئو. هيوگي ان وقت بيحد غمگين هئو، لارا وٽ آٿت لاءِ ويندو هو. هڪ صبح جو هو جيئن هائيڊ پارڪ ڏانهن وڃي رهيو هئو جتي هرڻ رهندا هئا تہ اوچتو پنهنجي هڪ ڳوٺاڻي سنگتيءَ ايلن ٽريور وٽ وڃي نڪتو. ٽريور پينٽر هو. هونئن تہ اڄڪلهہ سڀ ڪو پينٽر آهي پر هو هڪ فنڪار بہ هيو ۽ فنڪار تمام گهٽ هوندا آهن. ذاتي طور هو عجيب اڻ گهڙيل انسان هيو. ڏاڙها ڏاڙها سڄي منهن تي ۽ وکريل وکريل ڇڊي ڏاڙهي، پر جنهن وقت هو هٿن ۾ برش کڻي ويهندو هو تہ سڄي ڪائنات سندس رنگ ۽ احساس برش ۾ سمائجي ويندي هئي. هو پنهنجي فن ۾ تمام وڏو هو هن جون تصويرون جلدي کپي وينديون هيون. هيوگي جي حسن جي ڇڪ فنڪار کي پاڻ ڏانهن ڇڪي متاثر ڪيو. هو فنڪار هيو، جمالياتي ذوق ڏاڍو هيس. ”هڪ پينٽر کي رڳو اهڙن ماڻهن کي چاهڻ کپرجي.“ هو گهڻو ڪري چوندو هو، ”جڪي گهڻا سهڻا ۽ ٿورا ذهين هجن، جن کي ڏسڻ سان جمالياتي ذوق جي پورائي ٿئي، ۽ جن سان ڳالهائڻ ۾ ذهني سڪون ملي مرد جيڪي سهڻا ۽ ڪوڙا لٽا سٺا پائيندڙ آهن ۽ زالون جيڪي هر شيءِ ۾ سيبتيون آهن، انهن دنيا تي حڪومت ڪئي آهي، انهن کي گهٽ ۾ گهٽ ان ڳالهہ جو حق آهي“ خير! هيوگي سان سڃاڻپ ڪان پوءِ هن کيس پنهنجي اسٽوڊيو ۾ اچڻ جي کليل دعوت ڏئي ڇڏي.

جنهن وقت هيوگي آيو ان وقت ٽريور هڪ پينو فقير جي لائيف سائيز تصوير تي آخري ڪم ڪري رهيو هئو. فقير پاڻ بہ هڪ ٿلهي تي بيٺو هو جيڪو اسٽوڊيو جي هڪ ڪنڊ ۾ هيو. هو جهور پوڙهو هئو، سندس منهن تي الاءِ ڪيترا گهنج هيا ۽ اکين مان نراسائي پئي بکيس هن جي منهن کي ڏسي همدرديءَ جو احساس پيئي ٿيو. هن جي ڪلهن تي ليڙون ميرو چڪٽ ڪنو پيل هئو بوٽ جڳهہ جڳهہ تان ڦاٽل ۽ چتيون هنيل هئس هن جي هڪ هٿ ۾ لٺ ۽ ٻيءَ ۾ پراڻو ڦاٽل ٽوپلو هيو، جنهن کري آڌو جهليون خيرات پيو گهري.

”اهڙو سٺو ماڊل“ هيوگي پنهنجي دوست سان هٿ ملائيندي پڇيو.

”رڳو سٺو ماڊل؟“ ٽريور رڙ ڪندي چيو، ”مان تہ ائين ٿو چوان تہ اهڙا فقير روز روز ڪونہ ملندا آهن، منهنجا ڀاڳ! هن سان ڇا تہ اسر تخليق ٿيندي.“

”ويچارو پيڙهو!“ هيوگي چيو، ”ڪيترو نہ ڏکويل ٿو لڳي، پر مان سمجهان ٿو تہ هن جو منهن اوهان فنڪارن لاءِ ڀاڳ جي نشاني آهي.“

”بلڪل“ ٽريور ورائيو، ”تون نہ ٿو چاهين تہ فقير خوش نظر اچي، ائين آهي نہ؟“

”هڪ ماڊل کي تون هڪ دفعي لاءِ گهڻا پئسا ڏيندو آهين؟“ هيوگي پرسان پيل ديوان تي ويهندي پڇيو.

”هڪ ڪلاڪ جو هڪ شلنگ.“

”۽ هڪ تصوير جو توکي گهڻو ملندو آهي ايلن؟“

”ٻہ هزار کن ملي ويندا آهن.“

”پائونڊ!“

”گنيون، پينٽرن، شاعرن ۽ طبيبن کي هميشہ گنيون ملنديون آهن.“

”ٺيڪ آهي پر منهنجي خيال ۾ ماڊل کي بہ پورو حق ملڻ گهرجي.“ هيوگي کلندي چيو ”انهن کي بہ اوهان جيتري محنت ڪرڻي ٿي پوي.“

”بڪواس! تون رڳو رنگ ڪرڻ واري تڪليف ڇو نٿو ڏسين ۽ هي جيڪو پينٽر سڄو ڏينهن پنهنجي ايزل جي سامهون بيهي ٿو سو مفت ۾ آهي ڇا، مان يقين سان چوان ٿو تہ ڪو وقت

ايندو جڏهن فن جسماني محنت واري جاءِ وٺندو خير تون گهڻو نه ڳالهاءِ مان والدو ناهيان؛ بس سگريٽ پيءُ ۽ چپ ڪري ويهه.“

ٿوري دير کان پوءِ نوڪر آيو ۽ ٽريور کي چيائين ته فريمن وارو سائس ملڻ ٿو گهري. هو هيوگي کي وهڻ جي تاڪيد ڪري هليو ويو.

پوڙهو فقير، ٽريور جي وڃڻ جو فائدو وٺي پرسان پيل بينچ تي ويهي رهيو. هو ايترو ته نماڻو هيو جو هيوگي رحم ڪرڻ کان پاڻ کي نه روڪي سگهيو. هن پنهنجا کيسا ڦولهيا ۽ اتان جيڪي به چار پئسا نڪتس، اهي ڪيڏي هن سوچيو، ”ويچارو غريب! هن کي پئسن جي مون کان وڌيڪ ضرورت آهي.“ ۽ اکيتي وڌي سڀ پئسا فقير کي ڏئي ڇڏيائين. فقير جو منهن خوشي وچان ٻهڪڻ لڳو. هن جي ڏوٺ سڪل چپن تي عجيب مسڪراهٽ ڪيڏڻ لڳي. هن پئسا وٺي چيو، ”مهرباني سائين، مهرباني.“ ٽريور جي اچڻ کان پوءِ هيوگي وڃڻ جي اجازت ورتي. پنهنجي ڪيل ڪم تي ٿورو شرمائيندي هو لارا وٽ پهتو ۽ سڄو ڏينهن ان سان گذاريائين.

ساڳي رات هو گهمندي گهمندي پيليٽ ڪلب وڃي نڪتو، جتي ٽريور شراب ويٺي پيتو. رات جا اٽڪل ٻارنهن ٿيا هئا.

” ها ايلن تو هوءَ تصوير مڪمل ڪئي!“ هيوگي سگريٽ دکائيندي چيو.

”مڪمل ۽ فريم به ٿي ويو دوست!“ ٽريور ورائيو. ”ان سان گڏو گڏ تنهنجي به هڪ فتح ٿي آهي. هو فقير توکان ڏاڍو متاثر ٿيو هو. مون هن کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو ته تون ڪير آهين ڪٿي رهندو آهي، ڪيتري ڪمائي اٿئي ۽ ڇا ڪندو آهين.“

” منهنجا پيارا ايلن.“ هيوگي چيو، ” شايد واپسي وقت مان ڪيس پنهنجي در تي بيٺل ڏسان پر مان سمجهان ٿو ته تون چرچا پيو ڪرين.“

” ويچارو غريب، مان شايد سندس ڪجهه ڪم اچي سگهان. ڪنهن به انسان کي رحم جوڳي حالت ۾ نه ٿو ڏسي سگهجي. مون وٽ ڪجهه پراڻا ڪپڙا آهن اهي ڏيندو مانس.“

”پر هو انهن ليڙن ليڙن لٽن ۾ تمام سٺو پئي لڳو.“ ٽريور چيو؛ ”مان هن کي ڪڏهن به نئون ڪوٽ پهريل ڏسي هن جي تصوير نه ٺاهيان ها. جن کي تون ليڙون ٿو چئين سي رومانس آهن؛ جا تنهن جي لاءِ غربت آهي اها مون لاءِ تمام پياري شي آهي! خير، مان هن کي تنهنجي اڄ جي ڳالهه ڪندس.“

”ايلن“ هيوگي سنجيدگيءَ سان چيو؛ ”توهان فنڪارن کي دل بلڪل ڪونهي “

” فنڪار جي دل سندس دماغ ۾ هوندي آهي.“ ٽريور ورائيو، ” ان ڪانسواءِ اسان فنڪارن جو اهو ته ڪم آهي ته دنيا جي حقيقتن کي ائين ئي محسوس ڪيون جيئن ڏسون ٿا نه ان ۾ سڌارا آڻيون جيئن اسان چاهيون ٿا، هر انسان پنهنجي صليب کڻي هلندو آهي، خير؛ مون کي لارا بابت ٻڌاءِ. هو پوڙهو ماڊل هن ۾ ڪافي دلچسپي پيو وٺي.“

”تو کيس لارا بابت به سڀ ڪجهه ٻڌايو آهي ڇا؟“ هيوگي چيو.

”بلڪل هن کي هن عجيب قسم جي ڪرنل سندر لارا ۽ ڏهه هزار پائونڊن جي سڀ خبر آهي.“

”ڇا تو هن پوڙهي فقير کي منهنجي ذاتي حياتيءَ بابت سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي.“ هيوگي رڙ ڪندي چيو هو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو هيو.

”منهنجا پيارا دوست.“ ٽريور مشڪندي چيو؛ ”هو پوڙهو فقير جنهن کي تو ڏٺو سو يورپ جي امير ترين ماڻهن مان هڪ آهي. هو سڀاڻي سڄو لنڊن

خريد ڪري سگهي ٿو، هن کي هر وڏي شهر ۾ بنگلو آهي، هو سونين ٿالهين ۾ ماني کائيندو آهي هو روس جي زار کي جنگ کان روڪي ٿو سگهي جنهن وقت به چاهي."

"تون ڇا ٿو چوڻ چاهين؟" هيوگي اچرج وچان چيو.

"مان چوان ٿو ته" ٽريور چيو، "اهو پوڙهو فقير جيڪو اج صبح سنهنجي اسٽوڊيو ۾ ڏٺو سو بيرن هاسبرگ هو، هو سنهنجو گهاٽو دوست آهي ۽ منهنجون سڀ تصويرون خريد ڪندو آهي، مهينو اڳ مونکي اهو چيو هئائين ته سندس فقير جي روپ ۾ تصوير ڏاهيان. تون ڇا ٿو سوچين اهو هڪ ڪروڙپتي جو انگل آهي ۽ سون کي اهو چوندي به خوشي ٿي ٿئي ته هن ليڙون لٽا پائي پنهنجو سٺو روپ ڏاهيو هئو."

"بيرن هاسبرگ." هيوگي رڙ ڪئي، "الا، مون کيس به ٽي پئسا ڏنا هئا." هو پريشاني ۽ اچرج جي نشاني ٻنجي آرام ڪرسيءَ تي ڪري پيو.

"به ٽي پئسا ڏنا!" ٽريور کلندي چيو، "پيارا تون ان کي ڪڏهن به نه ڏسندين، هن جو واپار پين ماڻهن جي پيسن تي آهي."

"مان سمجهان ٿو ته تو ٻي پڌائش گهربو هيو،" هيوگي پريشانيءَ وچان چيو، "جيئن مان پنهنجو پاڻ کي ايترو پوڪ ته نه ٻڌايان ها."

"منهنجي ذهن ۾ ڪڏهن به اهڙو خيال نه آيو هيو ته تون اهڙي نموني خيرات ڪندو ٿو وتين،" ٽريور وراڻيو "مان اهو ته سمجهي سگهان ٿو ته هڪ سٺي ماڊل کي چمي تون ڏئي ٿو سگهين پر کيس خيرات نه ٿو ڏئي سگهين. ان ڪانسواءِ مون مناسب نه سمجهيو ته هنجو توسان تعارف ڪرايان، ڇو جو هو پوري طرح ڪپڙا لٽا پائي نه ويٺو هيو ۽ ان ڳالهه کي محسوس ڪري ها."

"هو مونکي ڪيترو نه پوڪ سمجهندو،" هيوگي چيو.

"نه نه، تنهنجي وڃڻ کان پوءِ هو تنهنجي ڏاڍي تعريف پيو ڪري، مان سمجهي نه سگهيس. هوس ته هو آخر توکان ايترو متاثر ڇو هيو، پر هاڻي سمجهي ويس ته ڇو. هو تنهنجي پن ڏس پيسن کي واپار ۾ هلائيندو. هر ڇهين مهيني توڏي تحفو موڪليندو ۽ هن کي پنهنجي دوستن کي پڌائڻ لاءِ هڪ سٺي داستان ملي وئي."

"مان نڀاڳو شيطان آهيان." هيوگي پڙڪيو "هاڻي رڳو هڪ ئي ڪم ڪري سگهان ٿو ته وڃي سمهان ۽ ڪنهن کي به پنهنجي شڪل نه ڏيکاريان."

"پر يار ان مان ته تنهنجي سخاوت ٿي ظاهر ٿئي، هيوگي! هاڻي ويهه، سگريٽ پي ۽ لاوا جي باري ۾ ڳالهاءِ." هيوگي نه ويٺو ۽ پريشان هلندو وڃي گهر رسيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو هو نيرن تي ويٺو ته سندس نوڪر هڪ ڪارڊ آڻي ڏنو جنهن تي لکيل هو، "موسيو گستاو ناؤدن، موسيو بيرن هاسبرگ جي پاران."

"مان سمجهان ٿو ته هو معافي لاءِ آيو آهي،" هيوگي پنهنجو پاڻ کي چيو ۽ مهمان کي وٺي اچڻ لاءِ نوڪر کي حڪم ڏنو.

سوني عينڪ ۽ اڇن وارن وارو هڪ پوڙهو شخص اندر آيو ۽ فرينچ لهجي واري انگريزيءَ ۾ چيائين، "ڇا مان موسيو هيوگي سان پيو ڳالهايان؟ مان بيرن هاسبرگ وٽان آيل آهيان." هن چيو، "بيرن......"

هيوگي ٻانهون ٻڌي هن کي چيو، "سائين مان معافي ٿو گهران، توهان موسيو بيرن کان منهنجي پاران معافي گهرندا."

”ٻيرن“ آيل پوڙهي مشڪندي چيو، ”سون ڪي توهان تائين هي خط پهچائڻ جي تاڪيد ڪئي آهي.“

خط جي ٻاهران لکيل هيو، ”هيوگي ارڪائين ۽ لارا مارٽن لاءِ شادي جو تحفو هڪ پوڙهي فقير وٽان.“ ۽ اندر ڏهه هزار پائونڊن جو چيڪ پيل هيو.

هنن جي شاديءَ وقت ايلن ٽريور سڀ کان سٺو ماڻهو ليکيو ويو ۽ سوسيو ٻيرن وهاڻاءَ رات تقرير ڪئي.

”مالدار ماڊل“ ايلن چيو، ”ٿورا آهن، پر خدا جو قسم آهي ته ماڊل مالدار ان کان به ٿورا آهن.“

●

سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان... مٽي ماٿي لايان
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين توکي چشمن چايان...
گيت به مون وٽ تنهنجا ماتا! بيت به تنهنجا پايان...
جيءُ جيءُ جيجل! جيءُ جيءُ جيجل! توکي ڪيئن لنوايان
سارا سنڌ پڙاڏا تنهنجا وائيءَ ۾ ورنايان...
سر سر چڙ ساٺوٽ ۾ سنڌو، لهر لهر لهڪايان...
رم جهم رم جهم راڳ انهن سان ٿر ٻر ٻاهه لڳايان...
ڪالهه مليران مهڪ آئي جا نگر نگر ڦهلايان...
ڏٿ به پنهنجو، ڏيهه به پنهنجو، سارو ڌال سلايان...
تنهنجي مٽيءَ منجهه ملان جي، آءٌ امرتا پايان...
سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سيس نمايان...مٽي ماٿي لايان

— شيخ اياز

اندر راجا ڪرپلاڻي
آخري سال (اليڪٽرانڪس)

جديد پرائمري سيل

ٽرانسسٽر جي وڌيڪ استعمال، برقي سامان لاءِ توانائيءَ جي ضرورتن ۾ گهٽي حد تائين گهٽتائي آڻي ڇڏي آهي. انهيءَ سبب ڪري ننڍڙا برقي گهرڙا (Tlectric cells) تيزيءَ سان ترقي ڪندي توانائيءَ جي اڳوڻن وسيلن (بيٽرين) جي جاءِ والاري رهيا آهن. هي برقي گهرڙا اڳوڻن وسيلن جي ڀيٽ ۾ گهٽ قيمت وارا آهن ۽ انهن کان وڌيڪ سٺا نتيجا ڏين ٿا. هي گهرڙا گهٽ وزن ۾ گهڻي توانائي مهيا ڪن ٿا، گهڻو عرصو بنا استعمال جي رکي سگهجن ٿا ۽ هنن کي گرميءَ ۽ سرديءَ ٻنهي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ ان سان حاصل ڪيل نتيجن تي ڪو خراب اثر ڪونه ٿو پوي.

هنن برقي گهرڙن يا پرائمري بيٽرين کي ڪيترن نئين ننڍڙن برقي اوزارن ۾ توانائيءَ جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثلاً: ريڊيا، برقي حسابي مشينون ۽ برقي واچون وغيره. وڌيڪ قيمت وارين ٻيهر چارج ٿيندڙ (Rechargable) بيٽرين، سيلن بدلائڻ واري طريقي کي ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ برقي اوزارن کي مناسب شڪتي پڻ مهيا ڪري ڏين ٿيون. اهڙي قسم جون بيٽريون وڏين برقي حسابي مشينن (Computers) جي لاءِ نهايت موزون آهن جن جو حافظو (Memory) شڪتي نه ملڻ جي صورت ۾ بلڪل ختم ٿي ويندو آهي.

اڄ ڪلهه پرائمري بيٽرين جا ٽي نوان قسم تيار ڪيا ويا آهن. پهريون قسم زنڪ ڪلورائيڊ بيٽرين جو آهي جيڪي حقيقت ۾ ليڪلانچي سيل جو جديد روپ آهن. ٻيو قسم ڊاءِ ويلنٽ سلور آڪسائيڊ (Di-Valent Silver Oxide) سيل جو آهي جيڪو بجليءَ جو گهڻو مقدار تمام ننڍي سائيز ۾ ڏئي ٿو. ٽيون قسم ليٿيم (Letheum) سيل جو آهي جيڪو هڪ مثالي سيل آهي، هي پڻ برقي گهرڙن جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي بجلي مهيا ڪري ٿو، گهڻو عرصو بنا استعمال ڪرڻ بعد به بهترين حالت ۾ رهي ٿو ۽ هر قسم جي موسم (گرميءَ يا سرديءَ) ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏئي ٿو.

پرائمري بيٽرين جي بدلائڻ ۽ رکڻ واري طريقي ۾ سهوليت آڻڻ لاءِ وري ٽيپ رڪارڊ جي ڪيسٽ (Cassettee) وانگر هڪ پرائمري بيٽري ڏاهي وئي آهي جيڪا خراب ٿيڻ کانپوءِ ڪيسٽ وانگر ڪيڏي ڇڏبي ۽ وري ان جي جاءِ تي ٻي بدلائي رکبي.

برقي سامان ۾ جديد ترين ايجادون م ـ و ـ س

(MOS) ميٽل آڪسائيڊ سيمي ڪنڊڪٽر (Metal Oxide Semi Conductor)، ث. م. و. س (C-MOS) ڪامپليمينٽري ميٽل آڪسائيڊ سيمي ڪنڊڪٽر (Complementary-Metal Oxide Semi Conductor) ۽ انٽيگريٽيڊ سرڪٽ (Integrated Circuts) جي استعمال برقي قوت جي ضرورتن کي گهٽي پاڱي گهٽائي ڇڏيو آهي، ان ڪري ماهرين لڳاتار ڪوششون وٺي رهيا آهن ته وڌيڪ طاقتور ۽ گهڻا جٽادار برقي گهرڙا ٺاهيا وڃن. ڊاءِ ويلنٽ سلور آڪسائيڊ ۽ ليٿيم سيل انهن ڪوشائن جو نتيجو آهن.

اسان کي عام طور تي ملندڙ زنڪ ڪاربن ۽ الڪلي سيلن جي بناوٽ، خاصيت ۽ قيمت جي پليءَ پت خبر آهي پر اسان کي تازو ٺاهيل زنڪ ڪلورائيڊ بيٽرين جي ايتري ڄاڻ ڪانهي جيڪي ستي ڄاڻايل سيلن جي مقابلي ۾ گهٽيون سستيون ثابت ٿيون ٿيون.

زنڪ ڪلورائيڊ سيل جي بناوٽ زنڪ ڪاربن لڪلاچ سيل (عام بازاري سيل) جهڙي آهي پر بنهي جي برقي محلولن ۾ فرق آهي. زنڪ ڪلورائيڊ سيل ۾ صرف لوڻ جو ڳار پيل هوندو آهي پر ليڪلانچي سيل ۾ امونيم ڪلورائيڊ ۽ زنڪ ڪلورائيڊ جو ڳار هوندو آهي.

جيڪڏهن زنڪ ڪاربن سيل جي پيٽ زنڪ ڪلورائيڊ ۽ الڪلي سيل سان ڪبي ته اسان کي خبر پوندي ته هڪجهڙي گهرج جي لاءِ هڪ ٽن روپين واري زنڪ ڪلورائيڊ سيل ٻن روپين واري زنڪ ڪاربان سيل سان ٻيڻو وقت وڌيڪ هلندو ۽ پنجن روپين وارو الڪلي سيل، زنڪ ڪاربن سيل کان چئوڻو وقت وڌيڪ هلندو.

اليڪٽرانڪ واچن، اليڪٽرانڪ ڪيمرائن، ٻڌڻ جي مددي اوزارن ۽ اهڙن ٻي ٻين ڪيترن اوزارن جي اڄ ڪلهه جيتري ننڍي سائيز ناممڪن ٿي پوي ها، جيڪڏهن انهن ۾ زنڪ ڪاربن، زنڪ ڪلورائيڊ يا الڪلي سيل استعمال ڪجن ها. اهڙي قسم جي ننڍن اوزارن ۾ برقي قوت ٻڌڻ جيتري سرڪيورڪ- آڪسائيڊ جي وسيلي پهچائي وڃي ٿي. اهڙا سيل ٠.١٢٥ انچ ٿلها ۽ ٠.٢٢٠ انچ گولائي ۾ هوندا آهن، انهيءَ کان سواءِ هي سيل سلينڊر جي شڪل ۾ به ٺهندا آهن. سرڪيوري سيلن جو برقي دٻاءُ (Voltege) ١.٤ وولٽ آهي ۽ گهڻي عرصي استعمال کانپوءِ به نه ٿو گهٽجي ان ڪري هنن سيلن جي ڊسچارج يا خلاص ٿيڻ واري خاصيت هڪ ڪري رهي ٿي. هيءُ سيل گهڻو گرمي پوڻ تي به سٺو ڪم ڪن ٿا، ڪرڻ يا جهٽڪي لڳڻ جي حالت ۾ به خراب ڪونه ٿا ٿين ۽ به اڍائي سال بنا استعمال جي اصلوڪي حالت ۾ رکي سگهجن ٿا.

